# اعليٰ حضرت بريلوي

## جي زندگي

ليکڪ
پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد
(ايم اي، پي ايڇ ڊي)



سنڌيڪار
ڊاڪٽر محمد عبدالرسول قادري بلوچ
(ايم اي، پي ايڇ ڊي)

اداره مسعوديه
٢/٦-٥-اي ناظم آباد ڪراچي
اسلامي جمهوريه پاڪستان

# اعليٰ حضرت بريلويءَ جي زندگي

ليکڪ

پروفيسر ڊاڪٽر محمّد مسعود احمد
ايم.اي.پي.ايڇ.ڊي

○

سنڌيڪار

ڊاڪٽر محمّد عبدالرّسول قادري بلوچ
ايم.اي.پي.ايڇ.ڊي

○

اِدارهٔ مسعوديه
۲/۶-۵-اي ناظم آباد ڪراچي
اسلامي جمهوريه پاڪستان

## ◈◈◈ تفصيلات ◈◈◈


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | _ | اعليٰ حضرت بريلوي جي زندگي |
| ليکڪ | _ | پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد |
| سنڌيڪار | _ | ڊاڪٽر عبدالرسول قادري بلوچ |
| مصحح | _ | ڊاڪٽر حافظ عبدالباري صديقي |
| | | مولانا علي انور ڀڳيو مسعودي |
| اشاعت | _ | اول |
| طباعت | _ | ١٤٢٥ھ ، ٢٠٠٥ع |
| تعداد | _ | ١٠٠٠ |
| ناشر | _ | حاجی محمد الیاس مسعودی |
| هديو | _ | |


## ملڻ جا هنڌ

●

1 _ اداره تحقيقات امام احمد رضا، ٢٥، جپان مينشن، ريگل چونڪ ، صدر ڪراچي، سنڌ

2 _ اداره مسعوده ٢/٦، ٥، اي، ناظم آباد، ڪراچي، سنڌ

3 _ ضياء الاسلام پبليڪيشن ضياء منزل ( شوگن مينشن ) محمد بن قاسم روڊ آف ايم اي جناح روڊ، عيد گاه، ڪراچي، سنڌ

4 _ شرڪت اسلاميه، مسلم منزل، حميد پوره ڪالوني نمبر ١، صدر مير پور خاص، سنڌ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# عرض مترجم

وحدهٗ لاشريڪ له، جان تو چئين ايئن
تان مڃ محمّد ڪارڻي نرتئون مڃان نيهن
تان تون وڃئو ڪيئن، نائين سر پيئن ڪي.

برصغير پاڪ و هند ۾ علمي لحاظ کان وڏا وڏا عالم فاضل، صوفي، شاعر ۽ اهل دل بزرگ ٿي گذريا آهن، جن هميشه محبت، اخوت، صلح سچائي، توحيدي تنوار ۽ عشق رسول جو درس پئي ڏنو آهي ۽ انهن جي علمي سڄڻ ۽ سرهاڻ ديس پرديس کي واپسي ڇڏيو آهي. انهن اهل دل عاشق رسول عالمن مان اعليٰ مولانا احمد رضا بريلوي به آهي. جنهن بريلي هندستان ۾ جنم ورتو ۽ پوري اسلامي دنيا ۾ علمي ڏاڪو ڄمايو ۽ عشق رسول جو پيغام ڏنو. سندس مشهور قرآن جو ترجمو ڪنزالايمان، فتاويٰ رضويه 12 جلدن ۾ ۽ هزار کان وڌيڪ علمي ۽ تحقيقي ڪتاب لکي فيض جاري ڪيو ۽ عشق رسول ۾ فنافي الرسول جو رتبو حاصل ڪيائين ۽ دنيا کي عشق رسول جو اهڙو درس ڏنائين، جو اڄ به سندس چيل سلام۔ "مصطفيٰ جان رحمت پہ لاکھون سلام" ۔ هر هنڌ گونجي رهيو آهي.

ان ڪري ضرورت هئي ته، اهڙي جيد عالم ۽ عاشق

رسول جي زندگي ۽ تعليم ڪي اهل سنڌ ۾ روشناس ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ بنده راقم ڪجھ مقالا لکيا ۽ ترجما ڪيا آهن. هڪ مقالو "مولانا احمد رضا بريلوي ۽ سر زمين سنڌ" جو ترجمو روزانہ اخبار هلال پاڪستان ڪراچي ۾ شايع ٿيو آهي ۽ هڪ ڪتاب" سوجھرو" بہ ڪراچي مان ڇپجي رهيو آهي.

اعليٰ حضرت بريلوي تي سنڌ ۾ ڊاڪٽر محمد مسعود احمد، پرنسپال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٺٽو تمام گھڻو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. زيرِنظر ڪتاب بہ ڊاڪٽر محمد مسعود احمد صاحب جو تحقيقي مقالو آهي، جيڪو اداره تحقيقات اسلامي، اسلام آباد جي رسالي" فڪرونظر" جي شماره۔ اپريل، مئي ۽ جون. ١٩٨٠ع ۾ قسط وارو شايع ٿيو هو. مولانا بريلوي بابت اهو تحقيقي مقالو علمي دنيا ۾ ڏاڍو مشهور ۽ مقبول ٿيو. ان ڪري لاهور، ڪراچي ۽ مبارڪپور هندستان مان ان کي ڪتابي صورت ۾ بہ شايع ڪيو ويو آهي.

هينئر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد صاحب جي ان مقالي جو سنڌي ترجمو"اعليٰ حضرت بريلوي جي زندگي" جي نالي سان پيش خدمت آهي. جنهن جي مطالعي مان اعليٰ حضرت بريلوي جي زندگي ۽ تعليم جا مختلف پهلو سامهون ايندا ۽ اهل سنڌ خاص ڪري نوجوان نسل کي اعليٰ حضرت بريلوي جي شخصيت، تعليم ۽ فڪر جي باري ۾ مختصر مگر ڀرپور تعارف حاصل ٿي ويندو ۽ ان سان گڏ اعليٰ حضرت بريلوي جي ڪتابن پڙهڻ جو شوق بہ جاڳندو ۽ سندس عشق رسول، فڪر، سياسي بصيرت، علمي

عظمت ۽ تعليم کي سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو.

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.

**عبدالرسول قادري بلوچ**
ڏڙي مگسي، سڪرنڊ
ضلع نواب شاه، سنڌ

١٠- شوا ١٤٠٦هجري



بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلي عليٰ رسول الڪريم

# مهاڳ

هي ڪتاب اعليٰ حضرت فاضل بريلوي عليہ الرحمت ( م ١٩٢١ع)، جيڪي نہ صرف پنهنجي عهد جا هردور جي جليل القدر عالمن جا سرتاج آهن، جي مبارڪ زندگي جو احوال آهي- جيتوڻيڪ فاضل بريلوي رحہ جي شخصيت پاڻ پنهنجو تعارف آهي- تنهن هوندي بہ هڪ نهايت مُنَظم سازش جي تحت سندن شخصيت تي تَهہ در تَهہ پردا وڌا ويا ۽ سندن خلاف ايتري تہ پروپيگنڊا ڪئي وئي، جو مخالفت جي انهي طوفان ۽ پروپيگنڊا جي اٿاريل ڌوڙ ۾ سندن من موهڻي سخصيت گم ٿي وئي..!

ائين وقت گذرندو رهيو- مخالف خوش هئا تہ انهن جو مڪر ۽ فريب ڪامياب رهيو- اهو مشهور ٿي ويو هو تہ فاضل بريلوي رحہ تمام سخت هو ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي ڪفر جي فتويٰ لڳائيندو هو- اها ڳالهہ ايڏي تہ مشهور ڪئي وئي جو خوش عقيده اهل سنت مسلمان بہ انهيءَ فريب جو شڪار ٿي ويا هئا- پر سچ ڪٿي ٿو ڪاري هيٺيان لڪي سگهي؟- هي تہ عالمن جو آفتاب هو..! پوءِ قادر جي قدرت تي قربان وڃان، تہ شايد اهو عرصو (تقريبن پنجاه سال)،

هڪ نئين علمي ستاري جي طلوع لاءِ وقف هو۔ زمانو منتظر هو تہ ڪڏهن ٿو تحقيق ۽ تدقيق جي ميدان جو شهسوار اچي ۽ انهي رستي تي هلي وڃي پار پوي – جنهن تي چوطرف ڪنڊا وڇايا ويا آهن۔ رستي جو نالو نشان گم شم ڪيو ويو آهي۔ انهي ڪري جو ڪو منزل مقصود (يعني فاضل بريلوي رحہ) تائين نہ پهچي سگهي!

آخر اهو علمي ستارو استاد محترم پروفيسر ڊاڪٽر مولانا محمد مسعود احمد ايم اي، پي ايڇ ڊي (الله سائين سندن پاڇي کي اسان تي هميشہ قائم رکي) جي روپ ۾ اچي پَرگهٽ ٿيو۔ حضرت مولانا موصوف چو تہ جديد تحقيق ۽ تدقيق جي ميدان جو يڪتا شهسوار آهي، ۽ انهي سان گڏوگڏ علمي صداقت، ديانت ۽ امانت جو صاحب آهي۔ اوچتو سن ١٩٧٠ع ۾ ڪين اعليٰ حضرت فاضل بريلوي رحہ تي هڪ مقالي لکڻ جي درخواست ڪئي وئي۔ پاڻ ”فاضل بريلوي اور ترڪ موالات“ جي موضوع تي هڪ مقالو سپرد قلم ڪيو۔ مقالي لکڻ دوران جئين جئين حضرت مولانا موصوف جو فاضل بريلوي رحہ تي مطالعو وڌندو ويو۔ تئين تئين متن اهو انڪشاف ٿيندو ويو تہ مارا ڪيڏي نہ فنڪاري ۽ چالاڪي سان فاضل بريلوي رحہ جي شخصيت تي گهاٽا ۽ اونداها پردا وڌا ويا آهن!۔ بقول استاد محترم حضرت مولانا: ”فاضل بريلوي رحہ عليہ الرحمت پنهنجي عهد جا جليل القدر عالم هئا۔ پر علمي حلقن ۾ اجان تائين سندن صحيح تعارف نہ ڪرايو ويو هو۔ نئون تعليم يافتہ طبقو تہ گهٽي ڀاڱي ڪانئن واقف ئي نہ هو۔ انهي ڪري هڪ مجلس ۾ جتي راقم موجود هو هڪ فاضل هيئن

فرمايو: "مولانا احمد رضا خان" جا پوئلڳ تہ گھٽو ڪري جاھل آھن "جڻ پاڻ جاھلن جا پيشوا ھوا- انا لله وَ اِنا اِليہ راجعون!"(۱).

اھڙي طرح پاڻ ھڪ خط ۾ بيان ڪيو اٿن تہ " سنڌ يونيورسٽي جي ھڪ سينيئر استاد فرمايو تہ (فاضل بريلوي رحہ جي باري ۾) "اھو جاھلن جو امام ھو !" پاڻ لکن ٿا تہ " اھو ھڪڙو جملو منھنجي لاءِ ھڪ تازيانو ثابت ٿيو (۲)."

بھر ڪيف، پاڻ پنھنجو مقالو " فاضل بريلوي اور ترڪِ موالات" جڏھن لکڻ شروع ڪيائين، تڏھن نہ صرف کين اِھو شديد احساس ٿيو تہ عالمِ اسلام جي ڪيڏي وڏي شخصيت کي ڪيئن نہ لِڪايو ويو آھي!.پاڻ ھڪ دفعي خود مون حقير کي ٻڌايو تہ "منھنجي، دل ۾ آيو تہ ھِن ھيڏي عظيم شخصيت کي نروار ڪيان ۽ سچي ڳالھہ مُسلم عوام آڏو پيش ڪيان." انھي جذبي تحت جڏھن واقعي سندن فاضل بريلوي رحہ تي پھريون مقالو " فاضل بريلوي اور ترڪ موالات" شائع ٿيو- تڏھن عِلمي حلقن ۾ ھلچل مچي وئي- بَرصغيرھند و پاڪ جي پڙھيل طبقي کي پھرين دفعي فاضل بريلوي رحہ جي عظيم شخصيت جو اِدراڪ ٿيو- اِنھي مقالي جڻ مانَي سَمُونڊ ۾ ھِڪ وڏِي ڇولي، ھڪ وڏِي لھر پيدا ڪئي- فاضل بريلوي رحہ جي شخصيت تي جيڪي گھاٽا ۽ اونداھيا پردا وِڌا ويا ھئا، اُھي تار تار ٿي ويا- جڻ سِجَ ڪڪرن مان ليئو پاتو ھجي! – پاڻ " فاضل بريلوي ۽ ترڪ موالات" جي پيش نظر ۾ لکيو اٿن تہ:

---

(۱)فاضل بريلوي وترڪ موالات صہ ۵

(۲) تنقدات و تعاقبات" جو مھاڳ- مطبوعہ لاھور ۱۹۸۳

"خدا ڪري ڪو اهڙو همت وارو مرد ميدان ۾ اچي
جيڪو اهو ڪم ڪري ڇڏي، نہ تہ پڙهندڙ دعا ڪن تہ مولا
تعاليٰ مون کي ايتري همت ۽ فُرصت عطا فرمائي تہ آئون
انهي سچي عاشق ۽ نِگاه مُصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي
تلوار جي گهايل جي سچي ۽ حقيقي سوانح لکڻ جي
سعادت حاصل ڪري سگهان آمين ثمَ آمين." سندن اها
دُعا ڏٺيءِ در اگهامي وئي. جو پاڻ نہ صرف فاضل بريلوي
رحہ جي سوانح لکيائون بلڪ مٿن گهڻا ئي ڪتاب لکي
فاضل بريلوي رحہ جي شخصيت کي عالَمِ اسلام ۾ سج
وانگر روشن ڪري ڇڏيائون. گهڻن عالمن ۽ فاضلن ندامت
سان اعتراف ڪيو تہ " اڳي اسين سخت غلط فهمي جا
شڪار هئاسين. پر حضرت مولانا موصوف جي ڪتابن
اسان جون اکيون کوليون". ٻئي طرف مخالفن ۾ ڦڙڦوٽ مچي
وئي. هڪ فاضل انهي ڳالهہ جو اظهار اجهو هيئن ڪيو تہ
"اسان تہ امام احمد رضا بريلوي رحہ کي دفنائي ڇڏيو هو.
پر هڪڙي پروفيسر ڪيس قبر مان ڪڍي وري جيئرو ڪيو
آهي" (١). "آئون فلاڻي پبلشر کي چوندس تہ پروفيسر
مسعود جا ڪتاب شائع نہ ڪري" (٢). – پاڻ لکن ٿا: "هڪ
ٻي يونيورسٽي جو صدر شُعبہءِ تاريخ ناراض ٿي ويو ۽ پراڻي
دوستي ختم ڪري ڇڏيائين. مون عرض ڪيو تہ" تاريخي
حقيقتون عقيدا نہ هوندا آهن. اوهان منهنجي ڳالهہ کي غلط
ثابت ڪريو. آئون پنهنجي ڳالهہ کٽي اوهان جي ڳالهہ

(١) تقديم "امام احمد رضا ورد بدعات و منڪرات" مطبوعہ
مبارڪپور ١٩٨٠
(٢)آئينہ رضويات صفہ ٥٢

لکي ڇڏيندس، ڪا لڙائي ۽ جهيڙو ڪونهي- هي تہ حقيقت ۽ ريسرچ آهي، جيڪا ڳالهہ ثابت ٿيندي اوهائي لکي ويندي" (١). - ماهرُالقادري پنهنجي رسالي "فاران" ۾ سندن ڪتاب "فاضل بريلوي عُلماء حجاز جي نظر ۾"، تي هڪ ڊگهو مضمون لکي مخالفن کي خبردار ڪيو تہ "جيڪڏهن دانشورن (امام) احمد رضا رحہ جي عظمت ۽ جلالت جا جلوا ڏٺا تہ پوءِ سندن نظر ۾ ڪو بہ نہ سمائيو" (٢) . انهي ڪتاب جي جواب ۾ مخالفن احسان الاهي ظهير ڪان عربيءَ ۾ هڪ ڪتاب "البريلويہ" لِکايو- اهو ڪتاب ڪِذب ۽ اِفترا جو شاهڪار آهي- جنهن ۾ ڏنل ڳالهيون ۽ انهن جا حوالا بہ غلط آهن- انهي ڪتاب جو مهاڳ ڪنهن شيخ عطيہ سالم عرب لکيو- جنهن ۾ انهي شيخ صاحب ڪتاب ۾ درج ٿيل سيني ڳالهين جي تصديق ڪئي آهي- مولانا موصوف اهو خيال ڪندي تہ شديد مهاڳ لکندڙ شيخ عطيہ سالم غلط فهمي جي ڪري ڪتاب "البريلويہ" جي گمراہ ڪندڙ مندرجات جي تصديق ڪئي آهي- دليلن ۽ شاهدين ۽ ثبوتن سان ڪيس خط لکيو- پر انهيءَ شيخ انهيءَ جو ڪو بہ جواب نہ ڏنو- جنهن مان اندازو ٿيو تہ يا تہ انهي نالي سان ڪو عالم آهي ئي ڪونہ، يا جيڪڏهن آهي تہ پوءِ اهو بہ انهي سازش ۾ شريڪ آهي (٣). - انهن ئي ڪوڙن ۽ غلط سلط ڳالهين اسلام پاڪ جي سموري تاريخ کي ناقابل

(١) آئينہ رضويات صفہ ٤٢

(٢)آئينہ رضويات صفہ ٤٣

(٣) آئينہ رضويات صہ ٤٨ - ؛ تقديم، "البزيلويہ کا تحقيقي جائزہ"- لاهور سن ١٩٩١ع

تلافي نقصان پهچايو آهي. مولانا موصوف هڪ موقعي تي کهڙي نہ سهڻي ڳالهہ چئي آهي تہ ”مؤرخ جو قلم ڏاڍو راز دار آهي. هزارين راز انهي قلم ۾ ڇهتل ٿي رهجي ويا. محبوب کي مردود بنائڻ ۽ مردود کي محبوب سندس معمولي ڪرشمو آهي. اونداهي ۾ سوجهرو ۽ سوجهري ۾ اونداهي ڏيکارڻ سندس محبوب مشغلو آهي (١). ـ”مخالفن انهن سيني جذبن ۽ چالاڪين کان ڪم ورتو پر مولانا موصوف جي مقابلي ۾ ناڪام ٿيا. عربي جي چوڻي آهي: ”سچ خود بلند ٿئي ٿو بلند ڪيو نہ ٿو وڃين“ ـ اڄ تائين مخالف مولانا موصوف جي ڪنهن بہ تحقيق، ڪنهن بہ حوالي کي رد نہ ڪري سگهيا آهن، نہ ئي ڪو جواب ڏئي سگهيا آهن.

مولانا موصوف پنج سو کان وڌيڪ ڪتابن جا مصنف مؤلف ۽ مترجم آهن. سندن ڪتابن جا ترجما دنيا جي گهڻين ئي زبانن ۾ ٿي چڪا آهن. مثلاً: اردو، انگريزي، عربي، فارسي، فرانسيسي، ڊچ، سنڌي، پشتو هندي، گجراتي، بنگلا وغيره وغيره. منهنجي ايماندارانہ راءِ آهي تہ مسلم دنيا جي هن وانداهي دور ۾ ڪوبہ مسلم مصنف/ليکڪ ايڏي مڪمل غيرجانبداري، ايمانداري ۽ جان فشاني سان، جديد انداز ۾ ايڏو عظيم الشان ڪم ڪندو هجي، جيڏو پاڻ ڪري رهيا آهن. جنهن موضوع تي لکن ٿا، تحقيق ۽ تدقيق جو حق ادا ڪريو ڇڏين ٿا. پاڻ پنهنجي تحقيق جو دارومدار حق جي تلاش تي رکيو اٿن. هي اها اڻ لڀ صفت آهي، جيڪا اڄ بہ گهٽ هئي ۽ اڄ ڪلهہ تہ ڳولهي نٿي لڀي. عربي جي چوڻي آهي تہ ”اَلحَقُ مُر وَلَو ڪَانَ دُر“ يعني

---

(١) تقديم: ”تذڪره جميل“ ـ بريلي سن ١٩٩١ع

سچ ڪڙو آهي، پلي ڪٽي موتي چو نہ هجي۔ سندن سچ ڏکيو تہ گهٽون لڳندو، پر سچ، سچ آهي۔ انهي سان گڏوگڏ نگارش ۽ تحقيق جي جديد اصولن کان بہ پوري طرح واقف ۽ متن پوري طرح عمل پيرا آهن۔ عالم ۽ اديب هئڻ سان گڏوگڏ پير طريقت آهن۔ ٻئي هزار سال جي مُجدد، يعني حضرت مُجدد الف ثاني قُدس سِرہَ، جي فيضَ جي سدا بهار چشمي، سِلسلۂ عاليہ نقشبنديہ مجدديہ جا سُرور يافتہ آهن۔ فضل و ڪمال ۽ تقويٰ جا صاحب آهن۔ عالمِ اسلام لاءِ سندن وجود، مسعود و محمود آهي۔ پاڻ واقعي اِسم با مُسَميٰ آهن۔ "مسعود مِلت" جي لقب سان مشهور و معروف آهن۔ قارئين ڪرام شايد منهنجي ڳالهہ کي وڌاءُ سمجهن۔ پلي هڪ دفعو سندن زيارت ڪري ڏسو۔ پاڻهين پڪاريندا تہ:

شُنيده ڪي بود مانندِديده،
تُرا دِيده و يُوسفُ راشُنيده.

ٻڌل ڪيئن ڏٺل جي برابر ٿي سگهي ٿو۔ توکي ڏٺم ۽ يوسف جي باري ۾ ٻڌم!) — هر ڪو علمي مسئلو مڪمل ايمانداري ۽ ديانت داري سان پڙهندڙ آڏو پيش ڪرڻ تہ ڪو ڪانئن سکي۔!۔

قارئينِ ڪِرام سندن لکيل ڪتابن مان گهڻو ئي ڪجهہ حاصل ڪري سگهن ٿا۔ شرط اهو آهي تہ ڪو حق جو طالب هجي۔ هڪ هڪ جملو وڏي ذمہ داري سان لکن ٿا ۽ انهي جو حوالو ضرور ڏين ٿا۔ پڙهندڙ سندن بي پناه محنت ۽ ايمانداري ڏسي، ضرور حيران ٿيندو۔ ڪيس پَليءَ پَتَ خبر پوندي تہ نهايت سچائي ۽ ڪامِل ايمانداري سان

جديد تحقيق ڪيئن ڪجي؟ـ پاڻ ڪڏهن بہ پنهنجو موقف زبردستي يا فريب سان مڃرائڻ جي ڪوشش نہ ڪندا آهن. اهائي وصف کين ٻين محققن ۽ عالمن کان ممتاز ڪري ٿي. تصنيف ۽ تاليف سان شوق رکندڙ لاءِ سندن هر هڪ ڪتاب هڪ تحفو آهي. جنهن مان گهڻون ئي ڪجهہ حاصل ڪري سگهن ٿا. جيڪي کين سڃاڻن انهن کي خبر آهي تہ فاضل موصوف پنهنجي زندگي جو هڪ هڪ لمحو علم وعرفان ۽ حق جي تلاش لاءِ وقف ڪيو آهي. مَتَّعَ اللهُ سَعيُهٗ (الله تعاليٰ سندن سعيو صاب ڪري) – آمين.

هن ڪتاب جو مترجم جناب ڊاڪٽر عبدالرسول بلوچ قادري (ايم. اي. پي، ايچ، ڊي) مبارڪباد جو مستحق آهي، جو موصوف، حضرت مولانا محترم جي هن ڪتاب جو ترجمون سنڌي زبان ۾ ڪيو آهي. مترجم موصوف نهايت سليس ۽ سؤلي ٻوليءَ ۾ روان ترجمون ڪيو آهي. مُصنف جي اسلوب جي پوري پيروي بہ ڪئي اٿس. الله سائين سندس ڪيل محنت جو کيس اَجرُ عطا فرمائي. مهربان پڙهندڙ ترجمي کي پسند فرمائين. آمين ثم آمين.

**پروفيسر پير**

**نثار احمد جان مجددي ,سرهندي**

ميرپورخاص

١٧ جمالدي الاول ١٤٢٥هه

٦-٧-٢٠٠٤

بسم الله الرحمن الرحيم

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# وچور

## ۱ـ تعارف:

حسب نسب- مسلڪ ۽ مشرب- پيء ۽ ڏاڏو - ولايت ۽ علمي تحصل-٠علوم و فنون جو تفصيل

## ۲ـ علمي ڪامل:

تبحر علمي- قرآن ۽ تفسير- علم حديث- علم فقه- علم رياضي- علم هيئت ۽ نجوم- علم توقيت- علم تڪسير ۽ جفر-

## ۳ـ تجديد ۽ اصلاح:

تجديد ۽ احياء دين- بدعتن جو رد- شريعت کانسواءِ سڀ واٽون مردود ۽ باطل- غير الله جي لاءِ تعظيمي سجد وحرام- قبرن جي زيارت لاءِ عورتن جو وڃڻ ناجائز- ساز سرود سان قوالي حرام ۽ ان ۾ شريڪ ٿيڻ ناجائز- گهٽين بدعتن جي ڪري دل ڪنجي وڃي ٿي-

## ۴ـ ديني جذبو ۽ سياسي بصيرت:

سياست ۽ حڪومت- اسلامي شعار- هندستان دار الاسلام- هندستان ۾ وياج وٺڻ حرام- هندستان مان هجرت ناجائز- معاشي ۽ اقتصادي تدبيرون خلافت جي لاءِ قرشيت جو شرط هندو مسلم اتحاد جي خلاف قلمي ۽ علمي جهاد-آل انديا سني ڪانفرنس ۽ تحريڪ پاڪستان.

**٥_ شعرو شاعري:**

عربي، فارسي ۽ اردو شاعري فصاحت ۽ بلاغت ۽ ديوان، قصيد و حدائق بخشش_ چراغ انس_ قصيد و مشر قستان، قصيد و قدس_ قصيده غوثيه جو منظوم آمال الابرار ۽ شرح شعر سودا_ شاعري تي مقالا

**٦_علمي ادبي خدمتون:**

وفات_ اولاد_ خليفا_ شاگرد_ تحقيق جو معيار_ ڳچ قلمي ڪتاب_ سيني ڪتابن جو تعداد_

**٧_ شخصيت جي تقاضا:**

مشرق ۽ مغرب ۾ احمد رضاتي تحقيقي ڪم جي رفتار_ پاڪستان_ هندستان_ مصر_ آمريڪا_ هاليند_ انگليند_

**٨_ ساٿي ۽ سونهان:**

(ڪتابيات)



بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلي عليٰ رسوله الڪريم

(١)

# تعارف

مولانا احمد رضا خان بريلوي نسباً پٺاڻ، مسلڪاً حنفي، مشرباً قادري ۽ سندن ولادت بريلي (هندستان) ۾ ٿي. سندس والد مولوي نقي علي خان (١) (وفاق ١٢٩٧-١٨٨٠ع) ۽ ڏاڏو مولوي رضا علي خان (٢) (وفات ١٢٨٢هه- ١٨٦٦ع) پنهنجي وقت جي ناميارين عالمن ۾ شمار ڪيا ويندا هئا. مولانا بريلوي پنهنجي نعتيه ديوان حدائق بخشش (١٣٢٥-١٩٧٠ع) ۾ انهن ٻنهي جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

احمد هندي رضا ابن نقي ابن رضا (٣)

مطلب ته، احمد رضا، نقي علي جو پٽ ۽ رضا علي جو پوٽو آهي. ولادت ۽ علمي تحصيل: مولانا احمد رضا خان تاريخ ١٠ شوال سنه ١٢٧٢هه مطابق ١٤ جون ١٨٥٦ع تي بريلي ۾ ڄائو (٤) پنهنجي والد بزرگوار ۽ ٻين استادن کان

---

١-٢- تفصيلي حالات جي لاءِ هيٺين حوالين ڏي رجوع ڪريو:

ا) رحمان علي: تذڪره علماء هند، مطبوعه ڪراچي، ١٣٨١هه- ١٩٦١ع صه ٩٨، ١٩٣، ٥٣١.

(ب) ظفرالدين بهاري: حيات اعلحضرت، مطبوعه ڪراچي، صه ١٣٥٧-١٩٣٨ع جلد ١، صه ٦- ٩.

(ج) محمود احمد قادري: تذڪرهء علمائي اهل سنت، مطبوعه ڪانپور ١٣٩١- ١٩ع صه ٨٨، ٢٥١

٣- احمد رضا خان: حدائق بخشش، مطبوعه ڪراچي، صه ٥٨

٤- ظفرلدين بهاري: حيات اعلحضرت، جلد ١، صه ١ا

علم منقول ۽ معقول جي تحصيل ڪيائين.جن بزرگن وٽ پاڻ پڙهيو ۽ حديث ۽ فقه جي سند حاصل ڪئي، انهن جا نالا هي آهن:

١ـ شاه آل رسول مارهروي (٥)
(وفات:١٢٩٧هـ-١٨٧٩ع)

٢ـ مولانا محمد نقي علي خان (٦)
(وفات:١٢٩٧هـ-١٨٨٠ع)

٣ـ شيخ احمد بن زين دحلان مڪي (٧)
(وفات:١٢٩٩هـ-١٨٨١ع)

٤ شيخ عبدالرحمٰن سراج مڪي (٨)
(وفات:١٣٠١هـ-١٨٨٣ع)

٥ـ شيخ حسين بن صالح (٩)
(وفات:١٣٠٢هـ-١٨٨٤ع)

٦ـ مولانا عبدالعلي رامپوري (١٠)
(وفات:١٣٠٣هـ-١٨٨٥ع)

٧ـ ساه ابوالحسين احمد النوري (١١)

---

٥،٦،٧ـ احمد رضا خان: سند اجازت بنام مولوي عبدالواحد، قلمي- ٢٠ ذوالحج ١٣٣٨هـ، قاري عبداللطيف ظهير وٽ موجود ، ڳڙهي ڪيوره سرحد پاڪستان.

٨ـ احمد رضا خان : الاجازة المتنيه لعلماء بكة والمدينہ، پهريون نسخو رسائل رضويہ ۾ شامل، جلد پيون ،مطبوعہ لاهور ١٣٩٦هـ-١٩٧٦ع، صـ٣٠٥

٩ـ ايضا،صـ ٣٠٥

١٠ـ (الف) ظفرالدين بهاري:حيات اعليٰ حضرت،جلد١، صـ٣٣
(ب) محمود احمد قادري:تذڪره علماء اهل سنت ،صـ ١١٣

١١ـ احمد رضا خان:الاجازة المتنيه،صـ٣٠٧

(وفات:١٣٢٤هه-١٩٠٦ع)
٨- مرزا غلام قادر بيگ (١٢)
(وفات:١٣٠١هه-١٨٨٣ع)

**علم ۽ فن** : مولانا احمد رضا خان بريلوي جن علمن ۽ فنن جي تحصيل پنهنجن استادن ۽ ذاتي مطالعي مان حاصل ڪئي. انهن جو تعداد ٥٥ تائين پهچي ٿو. هي سمورو تفصيل مولانا بريلوي ان عربي سند اجازت ۾ نه ڏنو آهي، جاپاڻ حافظ ڪتب الحرم شيخ اسمعيل خليل مڪي کي عنايت ڪئي هئي.

ان سند جو مسودو ٦ صفر ١٣٢٤هه-١٩٠٦ع تي تيار ٿيو. ان جو تاريخي نالو آهي: الاجازة الرضوية لمبجل مكة البهية_١٣٢٤ هه مولانا بريلوي ان ۾ هيٺين علمن ۽ فنن جو ذڪر ڪيو آهي:

علم القرآن (٢) علم حديث (٣) اصول حديث(٤) فقه حنفي (٥) ڪتب فقه جملہ مذاهب (٦) اصول فقه (٧) جدل مهذب (٨) علم تفسير (٩) علم العقائد و الڪلام (١٠) علم نحو (١١) علم معاني (١٢ )علم صرف (١٣) علم بيان (١٤) علم بديع (١٥) علم منطق (١٦) علم مناظره (١٧) علم فلسفہ (١٨) علم تڪسير (١٩) علم هيئت (٢٠) علم حساب (٢١) علم هندسہ (١٣) مٿئين ايڪويهہ علمن لاءِ مولانا بريلوي لکي ٿو: هي ايڪويهہ علم آهن جي مون پنهنجي والد

١٢- ظفرالدين بهاري:حيات اعليٰ حضرت، جلد١،ص-٣٢
١٣_احمد رضا خان: الاجازة الرضويه لمبجل مڪة البهية (رسائل رضويہ جلد ٢ ۾ شامل ٩ مرتب: محمد عبدالحڪيم اختر شاهجهان پوري، مطبوعہ لاهور ١٣٩٤هه_١٩٧٦ع، ص ٣٠١

بزرگ کان حاصل ڪيا (١٤) انهن علمن ۽ فنن کان پوءِ هيٺين علمن جو ذڪر ڪري ٿو.

(٢٢)قرائت (٢٣) تجويد (٢٤) تصوف (٢٥) سلوڪ (٢٦) اخلاق (٢٧) اسماء الرجال (٢٨) سيرت(٢٩) تاريخ (٣٠) لغت (٣١) ادب مع جملہ فنون. (١٥)

هنن ڏهن علمن جي باري ۾ لکيو آهي تہ ، مون ڪنهن وٽ بہ نہ پڙهيا، پر تنقيد نگار عالمن مونکي انهن جي اجازت ڏني آهي: (١٦) (٣٢) ارثماطيقي (٣٣) جبرومقابلہ (٣٤)حساب ستيني (٣٥) لوغار ثماث (٣٦)علم التوقيت (٣٧) مناظرو مرايا (٣٨) علم الاڪر (٣٩) زيجات (٤٠)مثلث ڪروي (٤١) مثلث مسطع (٤٢) هيئت جديد (٤٣) مربعات (٤٤) جفر (٤٥) زائرچہ(١٧).

۽ آخر ۾ هنن علمن جو ذڪر ڪيو آهي: (٤٦) نظم عربي (٤٧) نظم فارسي (٤٨) نظم هندي (٤٩) نثر عربي (٥٠، نثر فارسي (٥١) نثر هندي (٥٢) خط نسخ (٥٣) خط نستعليق (٥٤) تلاوت مع تجويد (٥٥) علم الفرائض (١٨).

مٿين ٥٥ علوم ۽ فنون جي ذڪر ڪانپوءِ مولانا بريلوي لکي ٿو:الله جي پناه ! مون هي ڳالهيون فخر ۽ اجايو پاڻ پڏائڻ لاءِ نہ ڪيون آهن. بلڪ الله تعاليٰ جي عطا ڪيل نعمت جو ذڪر ڪيو اٿم(١٩).

---

١٤_ ايضاً، صہ ٣٠١
١٥_ ايضاً، صہ ٣٠٣
١٦_ايضًا، صہ ٣٠٣، ١٧_ايضًا،صہ ٣٠٧ ، ١٨_ ايضًا ، صہ ٣١٥، ١٩_ ايضًا،صہ ٣١٥

فراغت جو سال :مولانا بريلوي حيران ڪندڙ ذهن ۽ ذڪاوت جي ڪري ،تمام جلدي نقلي ۽ عقلي علمن مان فارغ ٿيو.جئين هو پاڻ لکي ٿو :آئون جڏهن پڙهڻ کان واندو ٿيس ۽ منهنجو نالو فارغ التحصيل عالمن ۾ شمار ٿيڻ لڳو ۽ هي واقعو نصف شعبان ١٢٨٦هه جو آهي. ان وقت آئون تيرهن سال ڏهه مهينا ۽ پنجن ڏينهن جو هوس . انهي ڏينهن مون تي نماز فرض ٿي ۽ مون تي شرعي احڪام لازم ٿيا (٢٠)

٢٠_ ايضًا، صه ٣٠٩.نوٽ شايد مولانا بريلوي جي حيران ڪندڙ ذهن ۽ ذڪاوت جي ڪري ڪيس ڪن دانشورن SUPER GENUIS۽ SEPER MAN جي لفظن سان سڏيو آهي.

(٢)

# علمي ڪمال

**قرآن ۽ تفسير** : مولانا بريلوي جن گهڻن علمن ۽ فنن جو ذڪر ڪيو آهي . انهن ۾ ڪيس اڪثر علوم ۾ ڪمال حاصل هو.جنهن جو اندازو انهن علمن ۽ فنن ۾ سندس لکيل ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن مان ٿئي ٿو.علم قرآن ۾ سندس اردو ترجمو نرالي حيثيت رکي ٿو ،جو ”ڪنز الايمان في ترجمة القرآن“ جي نالي سان ١٣٣٠ هـ _١٩١١ع ۾ منظر عام تي آيو.(١) پوءِ ان تي سندس خليفي مولانا محمد نعيم الدين مراد آبادي(٢) (وفات: ١٣٦٧هـ_ ١٩٤٨ع) خزائن العرفان في تفسير القرآن جي نالي سان تفسيري حاشيو لکيو . ان ترجمي ۽ تفسير جا گهڻا ايڊيشن هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڇپجي چڪا آهن ۽ لاڳيتو شايع ٿي رهيا آهن.

قرآن جي ترجمي ۾ مولانا بريلوي جنهن گهري نظر ۽ احتياط کي سامهون رکيو ، اهو اندازو ترجمن جي تقابلي مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو.

---

١_هڪ اطلاع موجب ڪويت مان ڪنز الايمان جو انگريزي ترجمو ٿيو آهي ۽ لاهور مان ڇپيو.

٢_ تفصيلي احوال لاءِ ڊاڪٽر مسعود احمد جو ڪتاب ”تحريڪ آزادي هند ۽ السواد الاعظم“ جو مطالعو ڪيو مطبوعہ لاهور ١٣٩٩هـ ١٩٧٩ع

مولانا بريلوي قرآن جي ترجمي کان سواءِ تفسير جو سلسلو بہ شروع ڪيو هو. جنهن سورت الضحيٰ جي ڪن آيتن جو تفسير ٨٠ حصن تائين لکي ڇڏيو.(٣)

پين ديني علمي مصروفيتن جي ڪري ڪيس ايترو وقت نہ ملي سگهيو تہ قرآن جو مبسوط تفسير لکي ها. هي ڪم سندس شاگردن ۽ خليفن ۽ انهن جي شاگردن سر انجام ڏنو. جنهن :تفسير خزائن العرفان ، تفسير حسنات ، تفسير نعيمي ، تفسير ضياء القرآن ، تفسير ازهري ، تفسير تنوير القرآن وغيره.

مولانا بريلوي جي قرآن جي ترجمي تي مختلف محققن مقالا لکيا آهن.انهن مان هيٺيان مقالا قابل ذڪر آهن :

(١)سيد محمد مدني :

امام احمد رضا کا اردو تراجم قرآن کا تقابلي جائزه (٤)

(٢) شير محمد اعوان :

امام احمد رضا اور محاسن ڪنزالايمان (٥)

(٣) اختر رضا خان ازهري:

امام احمد رضا کا ترجمہ قرآن حقائق کي روشني مين(٦)

(٤) حڪيم الرحمٰن رضوي :

امام احمد رضا اور ترجمہ قرآن کي خصوصيات (٧).

---

٣_ظفر الدين بهاري: حيات اعلحضرت,جلد ١,صہ ٩٧

٤_الميزان (بمبئي ) امام احمد رضا .....مارچ ١٩٧٦ع_١٣٩٦هہ ,صہ ٨٥, ١١٣

٥_ انوار رضا ، شرڪت حنفيہ لاهور ١٣٩٨هہ_١٩٧٨ع, صہ ٩٦, ١١٣

٦_الميزان (بمبئي) امام احمد رضا نمبر ,صہ ١٢٥، ١٥٤

٧_ ايضًا ، صہ ١٥٤، ١٥٦

**علم حديث:** علم قرآن ۽ علم تفسير کان سواءِ علم حديث ۾ به مولانا بريلوي کي ڪمال حاصل هو. جئين شيخ احمد خياري المدني علم حديث ۾ مولانا بريلوي جي ڪمال کي ساراهيندي لکيو آهي: "وَهو امام المحدثين" يعني اهو هو محدثن جو امام آهي (٨).

مولانا بريلوي جي فتوائن ۽ هيٺين رسالن جي مطالعي مان سندس علم حديث جي مهارت جو اندازو لڳائي سگهي ٿو:

(١) النهي الاکيد عن الصلواة وراء عدي التقليد (١٣٠٥هه _١٨٨٧ع)
(٢) الهاد الکاف في حکم الضعاف (١٣١٣هه_١٨٩٥ع)
(٣) حاجز البحرين الواقي عن جمع الصلاتين (١٣١٣هه_١٨٩٥ع)
(٤) مدارج طبقات الحديث (١٣١٣هه_١٨٩٥ع)
(٥) الاحاديث الرواقيه لمدح الامير المعاويه (١٣١٣هه_١٨٩٥ع)
(٦) الفضل الموهبي في معني اذا صح الحديث فهو مذهبي (١٣١٣هه_١٨٩٥ع)

**فقه ۽ فتويٰ:** علم حديث کان سواءِ علم فقه ۾ به مولانا بريلوي کي ڪمال حاصل هو. ان جو اندازو مولانا ابوالحسن علي ندوي (ناظم ندوة العلماء لکنو) جي تاثرات مان لڳائي سگهجي ٿو: "فقه حنفي ۽ ان جي جزئيات تي (مولانا بريلوي ) کي پورو عبور حاصل آهي. ان جو مثال

---

٨_ احمد رضا خان : الفيوضات المکية لمحب الدولة المکيه (١٣٣٦هه_١٩٠٨ع) مطبوعه ڪراچي، صه ٤٧٠

شايد ڪتي ملي ۽ هن دعويٰ تي سندس فتاويٰ (رضويہ) شاهد آهي ۽ پڻ سندس ڪتاب "ڪفل الفقيه الفاهم في احڪام قرطاس الدراهم "جو ان سن ١٣٢٣ھ ۾ مڪي ۾ لکيو." (٩)

مولانا ابوالحسن علي ندوي فقهي جزئيات متعلق سندس غير معمولي عبور بابت اظهار خيال فرمايو. ان جي تصديق فتاويٰ رضويہ مان ٿئي ٿي. مثال طور اهو پاڻي جنهن سان وضو جائز آهي ،مولانا بريلوي ان پاڻي جا ١٦٠ قسم بيان ڪيا آهن (١٠) ۽ اهو پاڻي جنهن سان وضو جائز ناهي، ان جا ١٤٦ قسم بيان ڪيا آهن. (١١) اهڙي ريت پاڻي جي

---

٩_ابوالحسن علي ندوي : نزهة الخواطر وبهجة المسامع والنواظر ,جلد اٺون ، مطبوعہ حيدرآباد دکن ، ١٣٩٠ھ_١٩٧٠ع، صہ ٤١

نوٽ :مولانا بريلوي ١٢٩٥ھ_١٨٧٨ع ۾ پهريون دفعو حرمين شريفين ۾ حاضر ٿيو. اتي جي رهائش دوران مناسڪ حج بابت شيخ حسين صالح شافعي جي ڪتاب "جوهرة المضية" جي عربي شرح " النيرة الوصيةن في شرح الجوهرة النيرة" لکي، شيخ موصوف جي خدمت ۾ پيش ڪئي (تذڪره علماء هند, صہ ٩٨)

ٻئي ڀيري (مولانا بريلوي) ١٣٢٣ھ- ١٩٠٥ع ۾ حرمين ۾ حاضر ٿيو تہ ، اتي جي رهائش دوران هيٺيان رسالا عربي ۾ تحرير ڪيا

١- الدولة المڪية با لمادة الغيبية (١٣٢٣ھ_١٩٠٥ع)

٢- ڪفل الفقيه الفاهم في احڪام قرطاس الدراهم (١٣٢٤ھ_١٩٠٦ع)

٣- الاجازة الرضوية لمبجل مڪة البهي (١٣٢٤ھ_١٩٠٦ع)

١٠_احمد رضا خان : العطايا النبويه في الفتاوي الرضويه, جلد١، ڇپيل فيصل آباد, صہ ٤٥٦

١١_ ايضاً ، صہ ٣٥٠، ٤٧٢، ٥٤٣

استعمال ڪان عجز جون ١٧٥ صورتون بيان ڪيون آهن ۽ انهي موضوع تي هڪ مستقل رسالو لکيو. جنهن جو نالو آهي: "سمع النداء فيما يورث العجز عن الماءِ" (١٢). مطلق پاڻي ۽ مقيد پاڻي جي صورت جي وصف ۾ به رسالو لکيو .جنهن جو نالوآهي: "النور والنور ق لاسفار الماءِ مطلق" (١٣). اهي شيون جن سان تيمم جائز آهي ، ان جا ١٨١ قسم بيان ڪيا آهن. ٧٤ منصوصات ۽ ١٠٧ مزيدات مصنف ۽ اهي شيون جن سان تيمم جائز ڪونهي ، انهن جا ١٣٠ قسم بيان ڪيا آهن _٥٨ منصوصات ٧٢ زيادات (١٤).

**حاضرجوابي:** مولانا بريلوي ڪي فقهي جزئيات ڪانسواءِ متون فقه تي جا مهارت حاصل هئي.اها اهل علم کي حيرت ۾ وجهندڙ آهي. جئين مولانا ابوالحسن علي ندوي لکي ٿو:(مولانا بريلوي) حرمين شريفين جي رهائش دوران ڪي رسالا لکيا ۽ حرمين جي علماء ڪانئس ڪي سوال ڪيا ته ، پان انهن جا جواب به تحرير ڪيائين .متون فقه ۽ اختلافي مسائل تي ان جي همه گير معلامات تيز تڪڙي تحرير (١٥). ۽ ذهانت کي ڏسي سڀ اچرج ۾ ۽ حيران رهجي ويا (١٦)

فقهي متن تي سندس حاضر جوابي جي هي ڪيفيت

---

١٢_ ايضاً ، صہ ٦١١، ٦٥٩

١٣_ ايضاً ، صہ ٤٠٧، ٥٥٣

١٤_ ايضاً ، صہ ٥٨٦، ٨٥٠

١٥_ سندس تيز تڪڙي تحرير جي باري ۾ (ڊاڪٽر مختيار الدين آرزو) جي والد مولانا ظفرالدين بهاري لکيو آهي ته ، مولانا بريلوي لکندو ٿي ويو ۽ چار ماڻهو ان کي اتاريندا تي ويا ۽ هي چارئي اجا اتاري نه ٿي سگهيا ته پنجون پنو تيار ٿي ويو ٿي .(حيات اعلىٰ حضرت صہ ٩٤)

هئي ، جو ڪن وقتن تي ڪتابن ڏسڻ کانسواءِ ، عبارتن جون عبارتون ياد لکندو ويندو هو .جيئن مڪي شريف ۾ رهائش جي زماني ۾ بہ انهي قسم جا واقعا پيش آيا. پڇاڙي جي ڏينهن ۾ بيماري جي ڪري بريليٰ مان پوالي ۡ هليو ويو هو. ان زماني ۾ هڪ سوال جو جواب ڏنائين تہ ، جنهن ۾ بہ فقہ ۽ حديث جي ڪتابن جا ٣١ حوالا موجود آهن. (١٧) فتويٰ حامديہ جا ٻہ جلد مولانا بريلوي مطالعي واسطي مولانا وصي احمد محدث سورتي (وفات ١٣٣۴ھ_ ١٩١۵ع) کان ورتا ۽ اهي ٻئي جلد هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات ۾ ڏسي واپس ڪيا (١٨). قرآن شريف جو هڪ هڪ سيپارو روزانو ياد ڪري ، هڪ مهيني ۾ سڄو قرآن ياد ڪري ورتائين (١٩).

**علم فقہ جي وسعت:** فتويٰ رضويہ جي مطالعي مان مولانا بريلوي جي تبحر علمي سان گڏو گڏ هي بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ، علم فقہ ڪيترو وسيع آهي ۽ هڪ باڪمال فقيہ ٿيڻ لاءِ ڪيتري قدر علم ۽ فنن جي ڄاڻ ضروري آهي.مولانا بريلوي جون ڪي فتوائون مختلف علم ۽ فن ۾ مستقل رسالا معلوم ٿين ٿيون .مثال طور :حوض جي مقدار ڏهہ ڏهن ۾ ۽ هتن بابت بحث تي هي فتويٰ ڏسو " النهي النمير في الماء المستدير "(٢٠).

هي (رسالو) رياضي متعلق هڪ تحقيقي مقالو معلوم .

---

١٧_احمد رضا : العطايا النبويہ جلد ٣، صہ ۴٨۵

١٨_ظفرالدين بهاري : حيات اعلحضرت، صہ ١٣٨

١٩_ايضاً ،صہ ٣٦

٢٠_ احمد رضا خان :

العطايا النبويہ، جلد ١ ، مطبوعہ لاهور ، صہ ٣٢١، ٣٣٠

ٿئي ٿو. اهڙي طرح هي فتويٰ بہ علم رياضي جو هڪ مقالو معلوم ٿئي ٿو.

"رجب السباحة في مياه لايستوي وجهماو جو فهافي المساحة"(٢١). بيئل پاڻي ۽ وهندڙ پاڻي جي وصف ۾ هي فتويٰ علم طبعيات جو هڪ تحقيقي مقالو ٿئي ٿو: "الدقتہ والتبيان لعلتۃ الرقتہ والسيلان" (٢٢).

جنس زمين جي حد ۽ حساب ۽ جنس زمين جي آثار بابت هي فتويٰ بہ ارضيات جي متعلق هڪ تحقيقي مقالو معلوم ٿئي ٿو: "المطر السعيد علي بنت جنس الصعيد" (٢٣).

**فتويٰ نويسي** : مولانا بريلوي جي دارالافتاء (بريلوي) ۾ هندستان پاڪستان، برما، چين، آمريڪا، افغانستان، افريقہ، حجاز مقدس ۽ اسلامي ملڪن مان فتوائن جا گهڻا سوال ايندا هئا. جن سوالن جو تعداد هڪ ئي وقت ۾ ڪڏهن چار سو ۽ ڪڏهن پنج سو تائين وڃي پهچندو هو. مولانا بريلوي ۽ سندس فرزند مولانا حامد رضا خان پاڻ ان جو ذڪر ڪيو آهي(٢٤). فتويٰ نويسي جا هي فرائض خدا ڪارڻ ۽ خلوص سان بنا ڪنهن معاوضي جي سر انجام ڏنا

---

٢١_ ايضًا، صہ ٣٣٤،٣٧١

٢٢_ ايضًا، صہ ٤٨٤، ٤٩٩

٢٣_ ايضًا، صہ ٦٦٨، ٧١٩

٢٤_ (ا) احمد رضا خان: العطايا النبوية، جلد چوٿون، ڇپيل فيصل آباد، صہ ١٤٩

(ب) احمد رضا خان: سلامتالله لاهل السنة، ڇپيل بريلوي، صہ ٥٤، ٥٥.

تي ويا. مولانا بريلوي هڪ هنڌ لکي ٿو: يائرو: مَا اسئلڪم عليه من اجر ان اجري الا علي رب العالمين_ آئون هن تي توهان کان ڪو به اجر نه ٿو گهران، منهنجو اجر ته منهنجي جهانن جي پالڻهار تي آهي جيڪڏهن اهو گهري (٢٥). مولانا بريلوي جون فتوائون عربي، اردو، فارسي، ۽ انگريزي ۾ آهن. ڇپيل ڪتابن ۾ سندس فتوائون پهرين ٽنهي ٻولين ۾ آهن.

انگريزي فتوائون انهن قلمي جلدن ۾ موجود آهن، جيڪي بريلي (هندستان) ۾ محفوظ آهن. مولانا محمد احمد مصباحي (صدر المدرسين، فيض العلوم محمد آباد گوهنه هندستان) هڪ مضمون ۾ لکيو آهي: ڪجھ وقت ٿيو آهي، فتويٰ جي هڪ قلمي ڪتاب ۾ آئون هي ڏسي دنگ رهجي ويس، جو انگريزي ۾ آهي ۽ جواب به مختصر ناهي پر تفصيلي آهي (٢٦).

مولانا بريلوي پاڻ پنهنجي تصنيفات ۾ يا سندس سوانح نگارن انگريزي ٻولي ۾ واقفيت جي باري ۾ ڪجھه ڪونهي لکيو. ان مان اندازو هي آهي ته، انگريزي فتوائون ڪنهن صاحب ترجمو ڪيون هونديون ، مگر فتويٰ جو ترجمو ڪرڻ به ڪا اڪ جي ماکي لاهڻي ڪانهي ۽ اهي به

---

٢٥_ احمد رضا خان: العطايا النبويه،
جلد ٽيون، ڇپيل مبارڪ پور، صه ٣٣٠.
٢٦_ محمد احمد مصباحي، " امام احمد رضا فاضل بريلوي ڪي افتاء ڪي ايڪ خصوصيت" ڇپيل ماهنامه
پاسبان (اله آباد) شمارو جولاءِ ١٩٧٩ع، صه ١٢ .

محققانه، فقيهانه ۽ عالمانه فتوائون، جنهن جو ترجمو ڪيو هوندو، اهو به علم فقه جو معتبر عالم هوندو. ان ڪانسواءِ ترجمو ڪو سولي ڳالهه ڪانهي (۲۷).

**فتاويٰ رضويه جي عظمت:** مولانا بريلوي جون فتوائون اسلامي ملڪن ۾ پاڪستان،هندستان، ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺيون وڃن ٿيون. حافظ ڪتب الحرم سيد اسمٰعيل خليل ڪي جڏهن مولانا بريلوي پنهنجون عربي فتوائون موڪليون ته ان جواب ۾ لکيو: والله اقول والحق اقول لورا ها ابوحنيفه النعمان لاقرت عينيه وجعل مولفهامن جملة الاصحاب (۲۸). مطلب ته قسم کڻي چوان ٿو ۽ سچ ٿو چوان ته انهن فتوائن کي جيڪڏهن ابو حنيفه نعمان ڏسي ها ته يقيناً سندس اکيون ٺرن ها ۽ هو انهن جو ليکڪ کي پنهنجن شاگردن ۾

۲۷- راقم ڊاڪٽر محمد مسعود احمد جي والد مفتي محمد مظهرالله دهلوي کي هڪ ملاقات ۾ قائد اعظم چيو ته مفتي صاحب! توهان به اسلامي قانون پڙهيو آهي ۽ مون به. فرق رڳو هي آهي ته مون انگريزي ۾ پڙهيو ۽ اوهان عربي ۾ پڙهيو آهي. حضرت والد صاحب فرمايو ته اهوئي وڏو فرق آهي: ڇو ته فقهي رمزن ۽ پيچيدگين کي انگريزي ۾ ڍالڻ مشڪل ۽ انهن جو سمجهڻ اڃا به مشڪل آهي. علامه اخلاق احمد دهلوي، ماهنامه عقيدت (نئين دهلي) جي جولاءِ آگسٽ ۱۹۶۴ع ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. لنڊن ۾ هڪ اجلاس ۾ تقرير ڪندي علامه اقبال جڏهن حضرت مجدد جي هڪ خط کي انگريزي ۾ پيش ڪرڻ گهريو ۽ چيو ته انگريزي انهن اسرارن ۽ حقيقتن جي اظهار کان قاصر آهي. ( محمد اقبال: تشڪيل جديد الاهيات، مطبوعه لاهور. ۱۹۵۸ع، ص ۲۹۸). مسعود

۲۸- احمد رضا خان: الاجازة المتنية لعلماء بكة مدينه لکيل خط ۱۶ ذولحج ۱۳۲۵- ۱۹۰۷ع، رسائل رضويه ۾ شامل، جلد ۲، ڇپيل ۱۳۹۶- ۱۹۷۶ع، ص ۲۵۸

شامل ڪري ها.

سنه ١٣٩٥هه- ١٩٧٥ع ۾ ندوة العلماء (لکنو) پنهنجو پنجاسي ساله تعليمي جشن ملهايو. ان سلسلي ۾ عباسيه هال (ڪتب خانه ندوه) ۾ تعليمي نمائش جو به بندوبست ڪيو ويو. جتي وڏن وڏن چارٽن ۾ هندستان جي مشهور علمي شخصيتن جا نالا ۽ سندن ڪي ڪتاب فن وار درج هئا. عقائد ۽ ڪلام جي چارٽ ۾ مولانا بريلوي جي ڪتاب "خالص الا عتقاد" ۽ فقه جي چارٽ ۾ "النيرة الوضية" جا نالا درج هئا. هڪ مشهور شامي عالم شيخ عبدالفتاح ابوغده (پروفيسر ڪلية الشريعة، محمد بن سعود يونيورسٽي رياض) جي نظر جڏهن مولانا بريلوي جي تصنيفات تي پئي ته ان فرمايو: "اين مجموعه فتاوي الامام احمد رضا البريلوي" (٢٩)، مطلب ته، مولانا احمد رضا بريلوي جي فتاويٰ رضويه جو مجموعي ڪتي آهي؟ ان وقت ڪتاب فتاويٰ رضويه ته پيش نه ٿي سگهيو. بعد ۾ مولانا محمد يٰسين اختر اعظمي، پروفيسر (عبدالفتاح) کان پڇيو ته، هو مولانا بريلوي جي فتاويٰ رضويه کان ڪيئن واقف ٿيو. ان جواب ۾ چيو ته، منهنجو هڪ دوست ڪنهن سفر ۾ وڃي رهيو هو. ان وٽ فتاويٰ رضويه جو هڪ جلد موجود هو. مون تڙ تڪڙ ۾ هڪ عربي فتويٰ جو مطالعو ڪيو (عربي) عبارت جي رواني (٣٠) ۽

---

٢٩- محمد يٰسين اختر: امام احمد رضا ارباب علم ودانش ڪي نظر ۾ ڇپيل الهٰ آباد ١٣-٩٧-١٩٧٧ع، ١٩٢، ١٩٣

٣٠- مولانا بريلوي کي عربي ٻوليءَ سان فطري محبت هئي. سندن عربي ۾ گهڻيون تصنيفون آهن- ١٣ سالن جي عمر ۾ سنه ١٢٨٥- ١٨٦٨ع پهريون عربي ڪتاب لکيو جنهن جو نالو آهي ضوء النهاية في اعلام الحمد والهدايه (ظفرالدين بهاري: المجمل المعدد لتا ليفات المجدد، ڇپيل پٽنه، ص ٥)

ڪتاب وسنت ۾ اڳين عالمن جي دليلن جا انبار ڏسي آئون دنگ رهنجي ويس ۽ مون ان هڪ ئي فتويٰ جي مطالعي کان پوءِ هي اندازو لڳايو ته هي شخص ڪو جيد عالم ۽ پنهنجي وقت جو برک فقيه آهي.

مولانا بريلوي تيرهن سال، ڏهه مهينا ۽ چئن ڏينهن جي عمر ١۴ شعبان سنه ١٢٨٦هه- ١٨٦٩ع پنهنجي والد مولوي نقي علي خان جي نگراني ۾ فتويٰ نويسي جو آغاز ڪيو. ڪيس ستن سالن کان پوءِ ١٢٩٣هه- ١٨٧٦ع ۾ فتويٰ نويسي جي مستقل اجازت ملي وئي. پوءِ جڏهن سنه ١٢٩٧هه- ١٨٨٠ع ۾ سندس والد جو انتقال ٿيو ته، مستقل طور فتويٰ نويسي جا فرائض سرانجام ڏيڻ لڳو(٣١). مولانا بريلوي لکيو

---

بقايا حاشيو ...(٣٠) جو ...

(ا) حرمين شريفين جي عالمن مولانا بريلوي جي عربي نثر ۽ نظم جي تعريف ڪئي آهي ۽ هي لفظ استعمال ڪيا آهن: کان جواهر تکونت من الفاظ عذاب و مواهب لاتدرک بيد اڪتساب (شيخ سعيد بن محمد مڪي)

(احمد رضا خان: رسائل رضويه، جلد ١، ڇپيل لاهور ١٣٩۴هه- ١٩٧۴ع، صه ١٦٦)

(ب) فوجد تها شذرة من عسجد وجو هرة من عقود در و يا قوت و زبرجد (شيخ احمد محمد جداوي مڪي)- احمد رضا خان: حسام الحرمين، مطبوعه لاهور صه ١٩٦)

(ج) والفهامة الذي ترک تبيانه سحبان باقل رشيخ اسعد بن احمد مڪي)

احمد رضا خان: حسام الحرمين، مطبوعه لاهور صه ١٧٠

٣١- محمد مصطفيٰ رضا خان: الملفوظ، حصه ١، مطبوعه ڪراچي، صه ١٣، ١۴

آهي تہ سندس ڏاڏي مولوي رضا علي خان جي زماني کان فتويٰ نويسي جو سلسلو هلندڙ آهي (٣٢)، ۽ سنہ ١٣٣٧هہ ١٩١٨ع ۾ خود ان کي فتويٰ لکندي پنجاه سال گذري چڪا آهن (٣٣). هن پنجاه سالن جي عرصي ۾ فتويٰ رضويہ جا ٻارهن جلد تيار ٿي ويا آهن. جنهن جو ذڪر مولانا بريلوي پاڻ ڪيترين جاين تي ڪيو آهي. سرحد پاڪستان جي هڪ عالم مولانا عبدالواحد جي سند اجازت (لکيل ٢٠ ذولحج ١٣٣٨هہ ١٩٢٠ع) ۾ لکي ٿو: وكذالك اجزته بجميع مؤ لفاتي..... منها الفتاويٰ الملقبة بالعطا يا النبوية في الفتاوي الرضويه وهي ان شاء الله ستطبع في اثني عشر مجلدات كبار وارجو المزيد (٣٤). مطلب تہ اهڙي طرح مون پنهنجي سيني تاليفات جي اجازت ڏني..... انهن مان فتاويٰ رضويہ (جوڪتاب) بہ آهي ان شاء الله (اهو ڪتاب) سگهو ئي ٻارهن جلدن ۾ ظاهر ٿيندو ۽ اجا بہ زياده جي اميد آهي.

فتاويٰ رضويہ جي ٻارنهن جلدن مان پنج جلد تہ پاڪستان ۽ هندستان مان ڇپيا آهن. يارهون جلد ڪراچي مان ڇپيو آهي باقي جلد بريلي ۽ مبارڪپور هندستان ۾ آهن (٣٥).

---

٣٢- مولوي رضا علي جي ولادت ١٢٢٤هہ- ١٨٠٩ع ۾ وفات ١٢٤٧- ١٨٣١ع ۾ ٿي (تذكره علماء هند ١٩٣)

٣٣- احمد رضا خان: فتاويٰ رضويہ، جلد ٣، صہ ٣٣٠- فتويٰ لکيل ١٦ صفر ١٣٣٧هہ

٣٤- سند اجازت بنام مولوي عبدالواحد، موجود مولوي عبداللطيف ظهير وٽ، ڳڙهي ڪيوره سرحد

٣٥- خط مولانا افتخار احمد قادري، استاد الجامعة الشرفية مبارڪپور ٢٥ اپريل ١٩٧٩ع

ضرورت هن ڳالھ جي آهي تہ، ڪو تحقيقي ادارو فتاويٰ رضويہ جي تدوين ۽ ڇپائي جو بندوبست ڪري ۽ اسلامي قانون جي هن عظيم سرمائي کي اسلامي ملڪن ۾ پهچائي. فتاويٰ رضويہ جا جلد تمام ضخيم آهي. جيڪڏهن انهن کي تدوين ۽ ترتيب جي جديد تقاضائن موجب مرتب ڪيو وڃي تہ، تقريباً پنجاه جلد بنجي پوندا. تازو مولانا محمد حسن رضا خان، مولانا بريلوي جي فقهي ڪمال ۽ خدمت تي پٽنہ يونيورسٽي (هندستان) ۾ هڪ تحقيقي مقالو پيش ڪيو آهي. جنهن تي ان کي ٢٢ سپٽمبر ١٩٧٩ع، پي-ايڇ ڊي جي ڊگري ملي وئي آهي (٣٦). (اهو مقالو تازو "فقيہ اسلام" جي نالي سان ڪراچي مان شايع ٿيو آهي) ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ، مولانا بريلوي کي علم فقہ ۾ وڏو ڪمال حاصل هو.

**علم رياضي**: علم منقول کان علاوه مولانا بريلوي کي علم معقول ۾ بہ ڪمال حاصل هو. مولوي ظفرالدين بهاري (٣٧)، لکيو آهي تہ، ١٣٢٩هہ- ١٩١١ع بابت هڪ سوال اخبار "دبدبۂ" رامپور ۾ شايع ڪرايو. جنهن جو مولانا بريلوي

---

٣٦- خط مولانا محمد حسن رضا خان، استاد مدرسه شمس الهديٰ پٽنہ، ٢٥ اپريل ١٩٧٩ع

٣٥-خط مولانا افتخار احمد قادري، استاد الجامعتہ الاسرفيہ

٣٦-خط مولانا محمد حسن رضا خان، استاد مدرسہ شمس الهديٰ پٽنہ، ٢٥ اپريل ١٩٧٩ع

٣٧- مولانا ظفرالدين بهاري، ڊاڪٽر فحتار الدين آرزو (صدر شعبہ عربي مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ) جو پيءُ ۽ مولانا بريلوي جو خليفو ۽ شاگرد هو.

بروقت شايع ڪرايو ۽ پنهنجي طرفان هڪ ٻيو سوال به پيش ڪيو. جنهن کي پڙهي ڊاڪٽر ضياء الدين کي عجب لڳو ته هڪ مولوي نه رڳو (منهنجي سوال جو جو صحيح) جواب ڏنو پر رهندو ان تي به سوال ڪري ڇڏيو.( ٣٨) مولانا بريلوي سان ڊاڪٽر ضياء الدين جو هي پهريون غائبانه تعارف هو. ان کان پوءِ پروفيسر سيد سليمان اشرف جي چوڻ تي رياضي بابت هڪ منجهيل سوال دريافت ڪرڻ لاءِ مولانا بريلوي وٽ ويو اهو سوال مولانا بريلوي حاصل ڪري ڏنو. (٣٩)

مولوي محمد حسين ميرٺي (باني طلسمي پريس) ١٩٢٩ع ۾ ڊاڪٽر ضياء الدين کان سندس شمله جي رهائش جي زماني ۾ ڪائنس مولانا بريلوي سان ملاقات شمله باري ۾ پڇيو ته، پاڻ جواب ۾ فرما يائين ته، منهنجي سوال جو جواب تمام ڏکيو ۽ منجهيل هو. (مولانا بريلوي) اهڙو في البديهه جواب ڏنو جڻ ته ان مسئلي تي گهڻي وقت کان تحقيق ڪندو رهيو آهي. هينئر هندستان ۾ (ان بابت) ڪو به ڄاڻڻ وارو ڪونهي (٤٠).

**فلسفه، هيئت، نجوم ۽ سائنس:** علم رياضي کان

---

٣٨- ظفرالدين بهاري: حيات اعلحضرت، ص ١٥٦ تلخيص

٣٩- تفصيلات واسطي حيات اعلحضرت مطالع ڪرڻ کپي، ص ١٥٠، ١٥٣

٤٠- ايضاً ص ١٥٥- ( هن ملاقات جو اکين ڏٺو شاهد مفتي برهان الحق جبلپوري اڃا زنده آهي.مسعود)

اختلاف آهي. سيني ۾ اسلامي مسئلي کي روشن ڪيو ويجي (٤٢).

**صوتيات ۽ علم توقيت:** مولانا بريلوي کي صوتيات ۽ علم توقيت ۾ بہ مهارت حاصل هئي. هيٺيان رسالا ان تي شاهد آهن:

البيان شافيا لفو نو غزاريا (١٣٢٦هہ - ١٩٠٨ع)

الجواهر واليواقيت في علم التوقيت

**تڪسير:** علم تڪسير ۾ بہ هڪ رسالو سيد حسين مدني لاءِ لکيو. ان جو نالو آهي: اطائب الاڪسير في علم التڪسير (٤٣).

**جفر:** مولانا عبدالغفار بخاري جي لاءِ علم جفر ۾ هي رسالو

**لکيو:** سفرالسفرت عن الجفر بالجفر (٤٤).

---

٤٢ - احمد رضا خان: نزول آيات فرقان بسڪون زمين و آسمان، چپيل لکنو صہ ٢٤

٤٣ - ظفرالدين بهاري: حيات اعلحضرت، صہ ١٧٤

٤٤ - ايضا، صہ ١٦٣، ١٦٤

**نوٽ:** وڌيڪ تفصيل جي لاءِ ماهنامہ الميزان بمبئي جو امام احمد رضا نمبر (مارچ ١٧٧٦ع صہ ٣٠٣، ٣٢٤) مطالع ڪريو. جنهن ۾ چاليهہ علوي ۽ فنون ۾ مولانا بريلوي جي ٥٤٨ ڪتابن جو تفصيل موجود آهي.

مولانا عبدالمبين نعماني وڌيڪ تفصيل گڏ ڪري رهيو آهي، جو المجمع الرضوي (مبارڪپور اعظم ڳڙهہ يو - پي) جي طرفان شايع ٿيندو. **مسعود**

(٣)

# تجديد ۽ اصلاح

عقائد ۽ افڪار ۾ مولانا بريلوي سلف صالحين ۽ اڳين بزرگن جو پيرو ڪار هو. ان پنهنجي دور ۾ سياست ۽ مذهب ۾ تجديد ۽ احياء جا فرائض سرانجام ڏنا. گهٽ ۾ گهٽ ڪري ان ڪري ڪن عرب جي عالمن کيس "مجدد" سڏيو آهي، جيئن حافظ ڪتب الحرم اسمٰعيل خليل مڪي ليکي ٿو: لوقيل في حقه انه مجدد هٰذ القرن اڪان حقاً وصدقاً (١). مطلب ته، جيڪڏهن ان (امام احمد رضا) جي باري ۾ هي چيو وڃي ته، هو هن صدي جو "مجدد" آهي ته هي ڳالهه صحيح ۽ سچي آهي.

مولانا بريلوي هر ڪلمي گوکي مسلمان قرار ڏيندو هو (٢).

مگر هن اسلام جي روح کي ان (ڪلمي گو) جي قول ۽ عمل ۾ زنده ڏسڻ گهريو ٿي، ليڪن ان سان گڏو گڏ تاريخ جي تهذيبي ۽ تمدني عمل جي پيش نظر هو هن حد تائين

---

١ـ احمد رضا خان: حسام الحرمين، مطبوع لاهور صه ٥١، سنه ١٩٧٥ع، سيد عبدالقادر طرابلسي ۽ شيخ موسيٰ علي شامي به کيس مجدد لکيو آهي (الفيوضات الملڪيه)

٢ـ احمد رضا خان: السنية الانيقة فتاوي افريقه ( ١٣٣٦هه ـ ١٩١٧) مطبوع بريلي، صه ١٥۴

چوٽ ڏيندو هو، جنهن حد تائين قول ۽ فعل، شريعت سان نہ ٽڪرائجن، هو هر ان شخص کي جو دين ۾ نيون نيون ڳالهيون داخل ڪري ٿو ان کي بد عتي چوندو هو (٣).

ان جي نظر ۾ جيڪو بہ تجديد جي بهاني ڇڙواڳي اختيار ڪندو هو تہ پاڻ ان شخص جو علمي پيڇو ڪندا هئا.

مولانا بريلوي معاشري جي عادتن ۽ رسمن جيڪي شريعت جي خلاف هيون ان تي ڀرپور تنقيد ڪئي ۽ اهڙي ريت تجديد ۽ اصلاح جي ذميواري پور ڪئي.

اسلامي معاشري جا ڪي ماڻهو فرضن، سنتن کي ڇڏي، مستحب ۽ مباح شين جي پويان لڳل رهندا آهن، مولانا بريلوي جي نظر ۾ اهڙن ماڻهن جون نيڪيون شريعت جي نظر ۾ مردود آهن (٤). ڪي ماڻهو وري شريعت ۽ طرقيت کي الڳ الڳ خانن ۾ ورهائيندا آهن. مولانا بريلوي هن ورهاست کي سختي سان ٿڏي ٿو ڇڏي ۽ طريقت کي عين شريعت قرار ڏيندي لکي ٿو: شريعت کانسواءِ سيني رستن کي قرآن ڪريم باطل ۽ مردود فرمائي ڇڏيو(٥).

عام طور تي هي خيال ڪيو وڃي ٿو تہ جنهن جو ڪو پير مرشد ناهي، تہ ان جو مرشد شيطان آهي. مولانا

---

٣- احمد رضا خان: اعلام الاعلام ( ١٣٠٣هہ- ١٨٨٨ع) مطبوعہ بريلي، صہ ١٥

٤- احمد رضا خان: الاکتناه في رد صدقة مانع الزکواة (١٣٠٩هہ- ١٨٩١ع) مطبوع بريلي، صہ ١٠- ١١

٥- احمد رضا خان: مقال العرفاء با عزاز شروع وعلماء (١٣٢٧هہ- ١٩٠٩ع ) مطبوعہ ڪراچي، صہ ٧

بريلوي هن خيال کي رد ڪندي لکي ٿو: آخرت جي ڇوٽڪاري واسطي رڳو بني ڪي مرشد سمجهڻ ڪافي آهي (٦). ليڪن هو بيعت ۽ مريدي جي خلاف بہ ڪونهي، بلڪ باطن جي صفائي ۽ اصلاح واسطي ان کي فائديمند چوي ٿو. (٧).

عام طور تي هي بہ ڏٺو ويو آهي تہ جاهل مسلمان بزرگن جي مزارن تي وڃي سجدو ڪندا آهن. مولانا بريلوي غير الله جي عبادت جي سجدي کي شرڪ ۽ ڪفر ۽ تعظيمي سجدي کي بہ حرام قرار ڏنو آهي.

جيئن تعظيمي سجدي جي خلاف پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکي ٿو: سجدو الله تعاليٰ کانسواءِ ڪنهن جي لاءِ بہ جائز ناهي، ان جي غير کي عبادت جو سجدو تہ يقيناً اجماعاً ڇٽو شرڪ ۽ پڌرو ڪفر آهي. ۽ تعظيمي سجدو بہ حرام ۽ يقين سان ڪبيرو گناه آهي (٨).

اڄڪلهہ پڙهيل لکيل مسلمانن جي گهرن ۾ گوٽو ٽنگڻ ۽ مجسما سينگارڻ جو عام رواج تي ويو آهي.. ڪي تہ اڻ پڙهيل مسلمان برڪت خاطر براق جون تصويرون بہ

٦- احمد رضا خان: السنية الانيقه، مطبوعہ بريلي، صہ ١٢٤

٧- احمد رضا خان: السنية الانيقه، مطبوعہ بريلي، صہ ١٢٤

نوٽ: مولانا بريلوي پاڻ ١٢٩٤هہ- ١٨٧٧ع ۾ شاه آل رسول مار هروي (وفات: ١٢٩٦هہ- ١٨٧٧ع) کان بيعت تيو ۽ اجازت وخلافت حاصل ڪئي. ان کي ١٣ طريقت جي سلسلن ۾ اجازت هئي. جنهن جو ذڪر پاڻ الاجازات الرضويه المجبل مكة البهية صہ ٣١٦- ٣١٨ ۾ ڪيو آهي.

٨- احمد رضا خان: الزبدة الزكية لتحريم سجود التحية، مطبوعہ بريلي، صہ ٥

ٽنگيندا آهن. مولانا بريلوي ان جي سختي سان منع ڪئي آهي، البت حضور صلي الله عليه وسلم جي جتي مبارڪ ۽ روضي مبارڪ جي عڪس ڪي جائز قرار ڏنو آهي (٩).

مسلمانن ۾ فاتحہ، ٽيجهو چاليهو ۽ ورسي وغيره جو عام رواج آهي. شين کي بي اصل چوي ٿو. هو ڏينهن مقرر ڪرڻ کي آساني ۽ سهولت خاطر جائز سمجهي ٿو ۽ هن خيال کي رد ڪري ٿو تہ، مقرر ڏينهن تي وڌيڪ ثواب ملندو (١٠). اهڙي طرح نيت کي ايصال ثواب جو روح تصور ڪري ٿو ۽ هن رسم جي تائيد نہ ٿو ڪري، تہ اهتمام سان کاڌو سامهون رکڻ ۾ ڪو گناه بہ ڪونهي تہ ايصال ثواب کان پوءِ جلدي ورهايو وڃي. ميت جي فاتحہ ۽ ايصال ثواب ۾ هو غريبن ۽ حقدارن کي اوليت ڏئي ٿو ۽ ان جي خلاف آهي تہ رڳو اميرن ۽ پنهنجن ماڻهن کي سڏي اهتمام سان کاڌو کارايو وڃي (١١).

جديد دور جي بدعتن ۾ عورتن جو چڙهاوا گهمڻ ڦرڻ، نامحرمن جي سامهون اچڻ ۽ ميت جي گهر گڏ ٿي کاڌو کائڻ پيئڻ، رهڻ سهڻ، قبرن جي زيارت لاءِ قبرن تي وڃڻ ۽ نامحرم پيرن کي محرم سمجهي، انهن جي سامهون اچڻ جو عام رواج آهي. مولانا بريلوي انهن بدعتن جي مخالفت ڪئي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ تہ عورت پنهنجي

---

٩- احمد رضا خان: شفاء الواله في صورالحبيب ومزاره ونعاله (١٣١٥هہ- ١٨٩٧ع) مطبوعہ بريلي

١٠- احمد رضا خان: الجحة الفاتحه لطيب التعين والفاتحه (١٣٠٧هہ- ١٨٨٩ع) مطبوعہ بريلي، صہ ١٤

١١- ......................................

محرمن ۽ غير محرمن وٽ وڃي سگهي ٿي، هي رسالو تصنيف فرمايو آهي: مروج النجا لخروج النساء (١٣١٦هه-١٨٠٨ع).

ميت جي گهر عورتن ۽ مردن جي گڏ ٿي کائڻ پيئڻ ۽ ميت جي گهر وارن کي تنگ ڪرڻ کي ناجائز جي فتويٰ ڏيندي هي رسالو لکيائين: جلي الصوت لنهي الدعوت أمام الموت (١٣١٠هه- ١٨٩٢ع).

قبرن جي زيارت لاءِ مقام ۾ عورتن جي وڃڻ کي سختي سان روڪيائين. ان باري ۾ هي رسالو لکيائين: جمل النور في نهي النساء عن زيارة القبور (١٣٣٩هه- ١٩٢٠ع) مگر حضور صلي الله عليه وسلم جي روضي مبارڪ تي حاضري ۽ زيارت کي جائز قرار ڏنائون، ڇو ته عورتن ۽ مردن جو ان در بار ۾ حاضر ٿيڻ صحيح حديثن مان ثابت آهي. البت ان بزرگان دين جي مزارن تي عورتن جي حاضري کان روڪيو آهي. تانجو خواجه معين الدين چشتي اجميري رحمة الله عليه جي مزار تي به وڃڻ کان عورتن کي روڪيو آهي (١٢).

قبرن تي ڏيئا ٻارڻ بابت ڪائڻ پڇيو ويو ته ان کي بدعت ۽ مال جو نقصان قرار ڏنائون. البت هن صورت ۾ جائز قرار ڏنو ته قبر مسجد (جي پير) ۾ هجي يا رستي تي هجي ۽ ڏيئي (جي روشني مان) نمازين ۽ مسافرن کي فائدو پهچي (١٣).

مولانا بريلوي وٽ جيڪو ڪم ديني فائدي ۽ دنياوي

---

١٢- محمد مصطفيٰ رضا خان: الملفوظ. (١٣٣٨هه- ١٩١٩ع) حصو پهريون مطبوعه ڪراچي، ص ١١٠

١٣- احمد رضا خان: ابريق المنار بشموع المزار (١٣٣١هه-١٩١٢ع) مطبوعه لاهور، ص ٩- ١٠

جائز نفعي ڀنهي کان خالي هجي ته اهو ڪم اجايو ۽ بيڪار آهي. اجايو ڪم ته مڪروه آهي ۽ ان ۾ مال خرچ ڪرڻ اسراف ۽ اسراف حرام آهي (۱۴).

قبرن تي لوبان ٻارڻ بابت پڇيو ويو ته ان کي منع ڪيائين. اجايو خرچ ۽ مال جو نقصان قرار ڏنو ۽ لکيو ته، خوشبوء جي صالح ميت کي ڪا به ضرورت ڪانهي، هو جيڪڏهن ٻي لوبان سان ڀرپور آهي. بزرگن جي قبرن تي پڙ وجهڻ جي باري ۾ ڪانئن پڇيو ويو ته، ان کي به مشروط طور تي ان لاءِ جائز قرار ڏنو ته، عام ماڻهو انهن ڏانهن متوجه تي، فيض حاصل ڪن ۽ اهو به رڳو هڪ پڙ جڏهن اهو ڦاٽي وڃي ته ٻيو پڙ وجهڻ کپي ۽ ائين نه ٿئي جو هڪ ٻي جي مٿان پڙ سٽڻ جو سلسلو شروع ڪري ڏجي. بهر حال هي ان جي نظر ۾ جائز ڪونهي، جڏهن ان جو مصرف غريبن جي لاءِ نه هجي. رسمي طور پڙ وجهڻ کي ان فضول قرار ڏنو ۽ لکيو آهي ته، جي پيسا ان ۾ خرچ ڪيو اهي ولي الله جي روح مبارڪ کي ثواب پهچائڻ خاطر محتاجن کي ڏيو.

راڳ روپ ۽ ساز سرود جو درگاهن تي، ايتريقدر جو مسجدن جي ويجهو مقبرن تي قوالين جو عام رواج آهي ۽ عرس وغيره جي موقعن تي ان جو خاص اهتمام ڪيو وڃي ٿو. مولانا بريلوي ان قسم جي قوالين کي ناجائز قرار ڏنو (۱۵). ايتري قدر جو اهڙن عرسن ۾ شريڪ ٿيڻ کان به

---

۱۴ـ احمد رضا خان: احڪام شريعت، حصو پهريون، ڇپيل اگره، صه ۲۸

۱۵ـ احمد رضا خان: مسائل سماع، ڇپيل لاهور، صه ۲۴

روڪيو آهي، جنهن سازن سان قوالي جو اهتمام هجي (١٦).
مولانا بريلوي عرسن جي جائز هجڻ جي فتويٰ ڏني آهي، مگر ان کي شرعي قاعدن سان ايتريقدر پابند ڪري ڇڏيو آهي (١٧).

شادين ۾ شب برات جي موقعن تي آتش بازي يعني ڦٽاڪن وغيره ڇوڙڻ جو عام رواج هو جيتوڻيڪ هينئر انهن جو رواج ڪجهه گهٽ ٿي ويو آهي. مولانا بريلوي ان کي حرام قرار ڏنو ۽ اهڙين شادين ۾ شريڪ ٿيڻ کان منع ڪئي، جنهن شريعت جي خلاف حرام ڳالهين جو رواج هجي (١٨).

مولانا بريلوي اسلامي ملت کي هر موڙ تي اسراف (اجائي خرچي ڪرڻ) کان روڪيو آهي. ڇو ته اجائي خرچي ئي مسلمانن جي اقتصادي حالت تباه ڪري ڇڏي آهي. هو بدعتن کي مذهب ۽ معاشري ٻنهي لاءِ نقصانڪار ڄاڻندو هو. (ڇو ته بدعتن جي ڪري) انسان ۾ نيڪي جي لاڙي جي صلاحيت نه ٿي رهي. هو هڪ هنڌ لکي ٿو، جيستائين دل صاف آهي ته خير ۽ ڀلائي ڏانهن سڏيندي رهي ٿي ۽ معاذ الله! گناهن ۽ خاص بدعتن جي گهٽائي سان

---

١٦- احمد رضا خان: احڪام شريعت، حصو پهريون، ص ٣٣
جو جديد دور ۾ گهڻن عرسن جي موقعن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ان جي منشا جي خلاف معلوم ٿئي ٿو ڇو ته گهڻن عرسن ۾ ڪو نه ڪو شرط نظر نه ٿو اچي يعني انهن ۾ ڪا نه ڪا شريعت جي خلاف ڳالهه موجود هوندي آهي.

١٧- ............................................

١٨- احمد رضا خان: هادي الناس في رسوم الاعراس، مطبوعه لاهور ص

دل ڪنجي ڪاري ٿي ويندي آهي، تہ پوءِ دل ۾ حق کي ڏسڻ، سمجھڻ ۽ غور ڪرڻ جي طاقت نہ ٿي رهي، مگر پوءِ بہ دل ۾ حق ٻڌڻ جي لياقت باقي رهي ٿي (١٩).



١٩ـ محمد مصطفيٰ رضا خان: الملفوظ، حصو ٽيون، ڇپيل علي ڳڙهہ، صہ ٥٤

(٦)

# ديني جذبو ۽ سياسي بصيرت

مولانا بريلوي نہ رڳو معاشري جي اصلاح ڪئي، بلڪ سياست ۾ بہ ان ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. ان جي فڪر ۽ فهم مان سياست جي ميدان جي شهسوارن فيض حاصل ڪيو. مولانا بريلوي جي سياسي خدمتن تي ڪن مؤرخن ۽ محققن قلم ڪنيو آهي، مگر تمام مختصر، مثال طور: ڊاڪٽر اشتياق حسين قريشي (١)، ميان عبدالرشيد (٢)، سيد انور علي ايڊووڪيٽ (٣)، ۽ ٻيا. هن پهلو تي گهٽو ڪجھ لکي سگهجي ٿو. مولانا بريلوي جي سياسي فڪر کي سمجهڻ لاءِ سندس هيٺيان ڪتاب مطالعي جي لائق آهن:

١ـ انفس الفڪر في قربان البقر (١٢٩٨هـ ـ ١٨٨٠ع)
٢ـ اعلام الاعلام بان هندستان دارالاسلام (١٣٠٦هـ ـ ١٨٨٨ع)
٣ـ تدبير فلاح ونجات واصلاح (١٣٣١هـ ـ ١٩١٢ع)
٤ـ دوام العيش في ائمة من القريش (١٣٣٩هـ ـ ١٩٢٠ع)
٥ـ المحجة المؤتمنة في اية الممتحنة (١٣٣٩هـ ـ ١٩٢٠ع)

1_ISHTIAQUE HUSSIN QURAISHI: ULEMA IN POLITIOS, ١٩٧٣
٢_MIAN ABDUL RASHEED: ISLAM IN INDO PAK SUB CONTINENT, ١٩٧٧
٣_SYED ANWAR ALI: MYSTICS AND MONARCH, KARACHI, ١٩٧٩

٦ـ الطاري الداري لهفوات عبد الاباري (١٣٣٩هـ - ١٩٢١ع)

پهرئين ڪتاب ۾ هندن جي تحريڪ تي ڪيل ڳئون جي قرباني جي جائز ۽ ناجائز هجڻ بابت هڪ سوال جو جواب آهي. مولانا بريلوي هندو سياست جي مخفي خيالات کي نظر ۾ رکندي جواب ڏنو ته، هندستان ۾ هندن جي بيجا هٺ ڌرمي بجا رکڻ لاءِ ڳئون جي قرباني کي هڪ ڏک سان ختم ڪرڻ هرگز جائز ناهي (۴).

اهو ساڳيو سوال مشهور فقيه مولوي عبدالحي فرنگي محلي کان ڪيوويو ته، ان پهريان سادو سودو جواب ڏنو (۵). ان کان پوءِ جڏهن ڪيس هندن جي سياسي ڳالهين جو پتو پيو ته، اهائي فتويٰ ڏنائين جا مولانا بريلوي ڏني هئي (٦). مولانا بريلوي جي سياسي سمجهه، دور انديشي ۽ فقيهانه بصيرت کي ساراهيندي مولانا شبلي نعماني جي استاد مولانا ارشاد حسين رام پور هي مختصر ۽ جامع تبصرو ڪيو:

"الناقد بصير" مطلب ته، پرکڻ وارو گهري نظر وارو آهي (٧).

بظاهر ته ڳئون جي قرباني جو سياست سان ڪو به تعلق معلوم نه ٿو ٿئي، پر جن جي پاڪ وهند سياست تي گهري نظر آهي، اهي ڄاڻن ٿا ته، بر صغير جي سياست ۾ ان مسئلي کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي. حضرت مجدد الف ثاني (وفات: ١٠٣۴هـ - ١٦٢۴ع) ان کي شعائر اسلام ۾

---

۴ـ احمد رضا خان: انفس الفکر في قربان البقر، مطبوعه بريلي، صه ٩

۵ـ ايضاً، صه ١

٦ـ عبدالحي: مجموعه فتاويٰ پهريون ڇاپو جلد٢، صه ١۴٨ - ١۵۵

٧ـ احمد رضا خان: انفس الفکر في قربان البقر، مطبوعه بريلي، صه ١٠

اهم شعار قرار ڏنو (٨). پوءِ جهانگير جي دور ۾ حضرت مجدد الف ثاني جي ڪوشش سان هي پابندي ختم ٿي ۽ پاڻ جهانگير سندس سامهون ڳئون ذبح ڪرائي (٩). ان کان پوءِ تحريڪ خلافت ۽ تحريڪ ترڪ موالات (عدم تعاون) جي زماني (١٩١٩- ١٩٢٢ع) ۾ ٻيهر هندن ترڪ ڳاؤ ڪشي جو سياسي پليٽ فارم تان مطالبو ڪيو.

جنهن جي تائيد سياسي پليٽ فارم تان مسلمان ليڊرن بہ ڪئي (١٠). مولانا بريلوي پنهنجي سياسي بصيرت سان هندن جي لڪل ارادن کي پهريان کان ئي تاڙي ورتو هو ۽ پهرئين ڏينهن کان ان جو دوروازو بند ڪري ڇڏيو ۽ اهڙي طرح اسلامي سلطنت جي لاءِ راهہ هموار ڪئي.

ٻي ڪتاب اعلام الاعلام ۾ ٻين عالمن سان اختلاف ڪندي جن انڱ ورهاريل هندستان کي دارالحرب (لڙائي جو گهر) قرار ڏئي، وياج کي جائز ڪيو. مولانا بريلوي پنهنجي سياسي بصيرت سان هندستان کي درالاسلام قرار ڏنو ۽ وياج کي خرام چيو. هي سنہ ١٣٠٦هہ- ١٨٨٨ع جي ڳالهہ آهي. هڪ عرصي کان پوءِ جڏهن تحريڪ آزادي هند جي زماني ۾ ڪن عالمن هندستان کي ٻيهر درالحرب قرار ڏئي، مسلمانن کي هجرت تي مجبور ڪيو تہ مولانا بريلوي سخت مخالفت ڪئي. ان جو خيال هو تہ جهڙي طرح هندن،

---

٨- احمد سرهندي: مڪتوبات، دفتر پهريون، حصہ ٻيو مڪتوب نمبر ٦٥، مطبوعہ امرتسر

٩- بدرالدين سرهندي: مجمع الاولياء، مخطوط انڊيا آفيس لائبريري لنڊن، نمبر ٢٤٥- تزڪ جهانگير صہ ٢٩٦

١٠- خدابخش: مسلم ليگ، مطبوعہ لاهور ١٣٥٩هہ- ١٩٤٠ع

مسلمانن کي گاؤ ڪشي ترڪ ڪرڻ تي پڙڪايو هو. اهڙي طرح انهن حڪمت عملي سان مسلمانن کي وطن ڇڏڻ تي بہ اُڀاريو آهي. ڇو تہ انهن پنهي تحريڪن سان هندن کي ئي فائدو پهتو ۽ مسلمانن کي نقصان سهڻو پيو. پاڪ هند تي مسلمانن جي هزار سالن جي حق کان هٿ کڻي وطن ڇڏڻ جي سيني امڪانن کي ختم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. ان لڏ پلاڻ کي مسلمانن جي معيشت ۽ سياست پنهي جي لاءِ نقصانڪار تي سمجهيو.

ٽئين رسالي ۾ دوام العيش ۾ مولانا بريلوي خلافت جي مسئلي تي بحث ڪيو آهي. ١٩١٩ع ۾ تحريڪ خلافت جي شروعات ٿي. هن تحريڪ ۾ روح ڦوڪڻ لاءِ ڪن عالمن خلافت جي لاءِ قريشيت جي شرط ختم ڪندي، سلطان عبدالحميد کي اسلام جو خليفو ۽ ان جي سلطنت کي خلافت اسلاميہ قرار ڏنو. اسلامي شريعت ۾ "اسلام جي خليفي" ۽ وقت جي بادشاهہ جي لاءِ شرط ۽ انهن جي تابعداري ۽ حمايت جا حڪم الڳ الڳ آهن.

مولانا بريلوي وٽ خليفي جي لاءِ شرعًا قريشي هجڻ ضروري هو. ان لاءِ ڪيس ترڪي جي سلطان ۽ ترڪي سلطنت جي حمايت ۽ تائيد سان تہ اختلاف نہ هو(١١). البت بادشاهہ کي خليفو چوڻ ۽ سلطنت کي خلافت جي نالي ڏيڻ سان اختلاف هو. جڏهن ١٩٢٢ع ۾ خود مصطفيٰ ڪمال،

١١_ (ا) اخبار همدم (لکنو) شمارو ٧_ نومبر ١٩٢٢

(ب) منور حسين: ملفوظات امير ملت، مطبوعہ لاهور ١٩٧٦ع،

صہ ١٨١

(ج) خدابخش اظهر: مسلم ليگ، مطبوعہ لاهور ١٩٤٠ع

ترڪي حڪومت کي ختم ڪيو ۽ سلطان عبالحميد کي ملڪ بدر ڪيو (١٢). تہ خلافت جي دعويٰ جي حقيقت کلي سامهون آئي ۽ مسلمانن کي نصارن جي آڏو شرمسار ٿيڻو پيو. مولانا بريلوي هن تحريڪ کان عملي طور هن واسطي جدا رهيو جو هن وٽ ان جو بنياد شريعت تي بيٺل نہ هو بلڪ هو ان کي سوراج حاصل ڪرڻ جي در پرده ڪوشش خيال ڪندو هو. مسٽر گانڌي ۽ هندن جي حمايت هن خيال کي مدد ڏني، پوءِ جي تاريخي ۽ سياسي واقعن بہ ان خيال جي تصديق ڪئي.

مولانا بريلوي سياسي مضبوطي لاءِ معاشي استحڪام کي ضروري ڄاڻندو هو. جديد دور جي عالمي حالتن مان بہ سندس هن خيال جي تصديق ٿئي ٿي ملت اسلاميہ جي معاشي ۽ اقتصادي، مذهبي ۽ اخلاقي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ ان ڪجھ تجويزون پيش ڪيون، جيڪي ١٣١٣هہ _١٩١٢ع ۾ ڪلڪتي ۽ رامپور مان شايع ٿيون. پروفيسر محمد رفيع الله صديقي (ايم ايس ڪوئنز يونيورسٽي ڪينيا) مولانا بريلوي انهن تجويزن جو محققانہ جائزو ورتو، انهن جي روشني ۾ "فاضل بريلوي ڪي معاشي نڪات" جي نالي سان هڪ مقالو لکيو آهي، جو ١٩٧٧ع ۾ لاهور مان ڇپجي چڪو آهي.

مولانا بريلوي هڪ طرف پنهنجو ڪتاب "تدبير فلاح

---

١٢_ (ا) السواد الاعظم (مراد آباد) شمارو شعبان١٣٣٩هہ_١٩٢١ع
صہ ٧_٨
(ب) السواد الاعظم (مراد آباد) شمارو جمادي الاول ١٣٣٩
هہ_١٩٢١ع، صہ ٣١
(ج) احمد رضا خان دوام العيش،مطبوعہ بريلي، صہ ١٤

ونجات واصلاح“ لکي پنهنجون تجويزون عام ڪيون ته ٻي طرف انصار الاسلام ۽ جماعت رضائي مصطفيٰ جي نالي سان سندس پوئلڳن اصلاحي تنظيمون قائم ڪيون ۽ ان وقت هو جيڪو ڪري ٿي سگهيا سو ڪيائون_

١٩٢٠ع ۾ مسٽر گانڌي جي اشاري تي تحريڪ ترڪ موالات (عدم تعاون ) شروع ٿي جا تحريڪ (١٩١٩ع) جو تتمه يا پوبون حصو چئي سگهجي ٿي. تحريڪ خلافت جي زماني ۾ هندو مسلم اتحاد جو هڪ طوفان ڪڙو ٿيو هو. اهو هاڻي چوٽ تي پهچي ويو. مسلمان جذبات جي وهڪري ۾ وهي رهيا هئا ۽ سمورا سياسي فائدا هندو حاصل ڪري رهيا هئا(١٣).

مسلمان عوام ۽ خاص پنهنجي سادگي ۽ بيوقوفي جي ڪري ان کي محسوس نه ڪندا هئا, مگر مولانا بريلوي هي ڳالهه شدت سان محسوس ڪئي ۽ مسلمانن کي اهڙي اتحاد کان باز رهڻ لاءِ للڪاريو جو اهو اتحاد مسلمانن جي سياست , معيشت, ۽ مذهب سڀني جو خاتمو ڪري ڇڏيندو.

مولانا بريلوي سخت بيماري جي هوندي به هڪ ڪتاب المحجة الموءتمنة في اية الممتحنة

---

١٣_ علماء دين جي طرفان هندو مسلم اتحاد ۽ مسٽر گانڌي جي تائيد ۽ حمايت: مولانا بريلوي جي نظر ۾ اسلام ۽ ملت اسلاميه جي لاءِ نقصانڪار ۽ هندن جي لاءِ فائديمند هئي. جو ڪجهه انهن هندن سوچيو ائين ئي ٿيو. تازو مشهور مستشرق پروفيسر ماسينون (١٨٨٣_١٩٦٢ع) جو هڪ مضمون نظر مان گذريو. جنهن مان معلوم ٿيو ته اهو پروفيسر علماء اسلام جي طرفان مسٽر گانڌي جي مشن جي تائيد ۽ حمايت سان ايتري قدر متاثر ٿيو جو ان مسٽر گانڌي کي آفاقيت

(١٣٣٩هـ_١٩٢٠) نالي لکيو. جنهن ۾ مسلمانن کي اهڙي اتحاد جي انجام کان خبردار ڪيو ۽ مخالفن جي ارادن کان بہ هوشيار ڪيو. هي اهو زمانو هو جڏهن قائد اعظم محمد علي جناح ۽ علامہ اقبال پڻ خاموش هئا، مگر مولانا بريلوي نتيجن جي پرواهہ کان سواءِ جا ڳالهہ هو حق سمجهندو هو. ان کي کلم کلا ظاهر ڪيو ۽ هن سندس مذهبي غيرت ۽ سياسي جرئت جو دليل آهي.

انهيءَ زماني سندس دوست ۽ هند ۽ هندستان جي هشهور عالم مولانا عبدالباري فرنگي محلي، مسٽر گانڌي جي سياست ۾ ڦاسي ان سان ساٿ ڏنو ۽ ان کان کي اهڙا ڪم ۽ ڳالهيون سرزد تي ويون، جي مولانا بريلوي جي نظر ۾ شريعت جي خلاف هيون ۽ سياسي حيثيت سان مسلمانن لاءِ نقصانڪار پڻ . اهڙي طرح ان دوست جي دوستي جي پرواهہ ڪرڻ کانسواءِ ان طرز عمل تي سخت تنقيد ڪئي. مولانا بريلوي جون اهي تنقيدون الطاري الداري لهفوات عبدالباري (١٣٣٩هـ_١٩٢١ع) جي نالي سان سندس فرزند مولانا محمد مصطفيٰ رضا خان ٽن حصن ۾ بريلي مان شيع ڪيون. انهن تنقيدن مان اندازو ٿئي ٿو تہ مولانا بريلوي حق جي ظاهر ڪرڻ ۾ پنهنجي ۽ پرائي جي پرواهہ نہ ڪندو هو. مولانا بريلوي وٽ هندو،عيسائي،يهودي ۽ آتش پرست، مسلمانن جا دشمن آهن.انهن مان ڪنهن بہ هڪ کي دوست، سمجهڻ وڏي سياسي غلطي آهي. تي سگهي ٿو تہ مولانا بريلوي جي هي ڳالهہ ان وقت ١٩٢٠ع ۾ سمجهہ ۾ نہ ايندي هجي، ليڪن هينئر جڏهن ملت اسلاميہ ڪيترن لاهن چاڙهن مان گذري چڪي آهي ۽ گذري رهي آهي. ۽ موجوده

وقت ۾ هي ڳالهه چٽي ڏينهن وانگر ظاهر ٿي رهي آهي.
مولانا بريلوي فرمائي ٿو:

ڪافر هر فرد وفرقه دشمن مارا مرتد، مشرڪ، يهودي و گبرو ترسا مطلب ته، ڪافر جو هر فرد ۽ فرقو اسان جو دشمن آهي، پوءِ اهو ڪٽي مرتد، مشرڪ، يهودي ۽ باه جو پوڄاري هجي (۱۴).

مولانا بريلوي جا واڻ حريت ۽ آزادي لاءِ مقرر ڪري ويو هو ان تي سندس فرزند، خليفا، شاگرد ۽ پوئلڳ هلندا رهيا. (۱۹۲۵ع ۾ مولانا بريلوي جي خليفي مولانا محمدؐ نعيم الدين مراد آبادي (وفات: ۱۳۶۷هه- ۱۹۴۸ع) الجميعة العالية المرڪزية (آل انڊيا سني ڪانفرنس) جي نالي سان هڪ تنظيم جو بنياد رکيو (۱۵)، جنهن اڳتي هلي پاڪستان جي لاءِ قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون- ۱۹۴۶ع ۾ بنارس ۾ ان تظيم جا تاريخي اجلاس ٿيا- ۲۹ اپريل ۱۹۴۶ جي اجلاس ۾ هي قرار داد پاس ٿي ته، ”آل انڊيا سني ڪانفرنس جو هي اجلاس پاڪستان جي مطالبي جي ڀرپور حمايت ڪري ٿو. ۽ اعلان ٿو ڪري ته، اهل سنت جا علماء ۽ مشائخ اسلامي حڪومت جي قيام جي تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ جي لاءِ هر طرح جي قرباني واسطي تيار آهن ۽ هي پنهنجو فرض ٿا سمجهن ته، اهڙي حڪومت قائم ڪريو جا قرآن ڪريم ۽

---

۱۴- الطاري الداري، احمد رضا خان، حصو ٽيون، مطبوعه بريلي، ص ۹۹

۱۵- (الف) محمد جلال الدين: خطبات آل انڊيا سني ڪانفرنس، مطبوعه لاهور، ۱۹۷۹ع

(ب) محمد مسعود احمد: تحريڪ آزادي هند اور السواد الاعظم، مطبوعه لاهور، ۱۹۷۹ع

حديث نبوي جي روشنيءَ ۾ فقهي اصول جي مطابق هجي (١٦).

هندستاني نقط نظر کان شايد هي ڳالهه چڱي معلوم نہ ٿئي تہ هڪ هندستاني مسلمان علم، هندو مسلم اتحاد جي خلاف ڳالهه ڪري يا هندستان ۾ اسلام حڪومت جي قيام جو خواب ڏسي، ليڪن علمي زندگيءَ ۾ هي ڏٺو ويو آهي تہ سياسي طور تي جي اتحاد جا مخالف هئا، معاشرتي زندگيءِ ۾ انهن هندن جو بائيڪات ڪو نہ ڪيو. ليڪن جي ماٺهو اتحاد جي ڳالهه ڪندا هئا، انهن ئي معاشرتي زندگي ۾ مسلمانن جو رڳو بائيڪات ڪيو بلڪ انهن سان تمام خراب سلوڪ روا رکيو. زباني دعويٰ ۽ عملي مظاهري ۾ وڏو فرق هو. رهيو هندستان ۾ اسلامي حڪومت جي قيام جو سوال- جڏهن هتي هندن سوراج ۽ هندو اسٽيٽ جي ڳالهه ڪئي، ان کي تہ گناهہ نہ سمجهيو ويو جيڪڏهن هندستان جي مسلمانن اسلامي حڪومت جي ڳالهه ڪئي تہ، ان کي بہ گناهہ نہ سمجهڻ گهرجي. ٻنهي پنهنجي پنهنجي گهر ۾ رهڻ سهڻ جي ڳالهه ڪئي. تہ ان ۾ ڪهڙوي خرابي هئي؟

اسلامي نقط نظر سان هندو مسلم جي عدم اتحاد جو هي مقصد هر گز ڪونهي تہ هندو رعيت کي معاشي يا مذهبي حيثيت سان دل شڪستو ڪيو وڃي، مگر سوراج يا هند و اسٽيٽ جو مقصد هي معلوم ٿئي ٿو تہ، اتي مسلم

---

١٦- سيد محمد محدث: خطبہ صدارت جمهوريه اسلاميہ، مطبوعہ مراد آباد، ١٩٤٦ع، صہ ٢٩

رعيت معاشي ۽ مذهبي طور تي دل شڪسته رهن. پاڪ و هند جي ۳۲ سالن جي تاريخ انهن حقيقتن تي شاهد آهي.



(٥)

# شعر و شاعري

مولانا بريلوي کي فقه ۽ سياست کان علاوه ادب ۽ شاعري ۾ بہ ڪمال حاصل هو. سندس فصاحت ۽ بلاغت جي اهل عرب بہ تعريف ڪئي. جئين شيخ احمد ابوالخير مير داد مڪي لکي ٿو: الحمدالله عليٰ وجود هٰذا الشيخ فاني لم ار مثله في العلم والفصاحة (١). مطلب تہ مولانا بريلوي جهڙي شيخ جي وجود تي آئون الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪريان ٿو بيشڪ مون ان جهڙو علم ۽ فصاحت ۾ نہ ڏٺو. ۽ پين عرب جي عالمن بہ سندس تعريف ڪئي آهي. پاڪ و هند جا بہ گهڻا شاعر ۽ اديب سندس تعريف جي ڏيک پريندي نظر اچن ٿا.مولانا بريلوي باڪمال شاعر هو. هو تلميذ رحمٰن هو. شاعري ۾ سندس ڪوبہ استاد نہ هو. البت سندس ننڍو ڀاءُ مولانا حسن رضا خان (وفات: ١٣٢٦هہ_١٩٠٨ع) مرزا داغ دهلوي (وفات: ١٣٢٢هہ_١٩٠٥ع) جو شاگرد هو. مولانا حسرت موهاني(وفات:١٣٧١هہ_١٩٥١ع) حسن رضا خان جي شاعري تي هڪ مقالو لکيو هو(٢). ان مان سندس رتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. نعت گوئي ۾

---

١_ خط لکيل ١٢ رجب ١٣٢٤هہ از مڪ شريف بنام مولانا بريلوي

٢_ اردو معليٰ علي ڳڙه، شمارو جون ١٩١٢ع

حسن رضا خان جو استاد مولانا بريلوي هو(٣). مولانا بريلوي مشهور نعت گو شاعر مولانا ڪفايت علي ڪافي شهيد (١٢٧٤هه_١٨٥٨ع) کان گهڻو متاثر هو. جنهن جو پاڻ ذڪر ڪيو اٿس (٤). مولانا غلام رسول مهر به هي ڳالهه لکي ٿو (٥). مولانا بريلوي لکيو آهي ته، "نعت چوڻ تلوار جي ڌار هلڻ برابر آهي، شاعر وڌي ٿو ته الوهيت ۾ پهچي ٿو وڃي ۽ جي گهٽتائي ڪري ٿو ته بي ادبي ٿئي ٿي" ان مان اندازو ٿئي ٿو ته هو ڪيتري قدر محتاط هو. ان احتياط جي باوجود نعت کي ڪمال تائين پهچائڻ واقعي سندس ڪمال آهي. ان هڪ هنڌ لکيو آهي:

يهي كهتي هي بلبل باغ جنان كه رضا كي طرح كوئي سحر بيان
نهين هند مين واصفِ شاه هديٰ مجهي شوخيءِ طبع رضا كي قسم (٦)

مطلب ته بهشت جي باغ جي بلبل به شوخي طبع رضا جو قسم کڻي چئي ٿي ته، حضور صلي الله عليه وسلم جي تعريف ڪندڙ عاشق احمد رضا جهڙو جادو بيان ڪو نه شاعر ڪونهي.

شروعات ۾ مولانا بريلوي جو ڪلام مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندو رهيو. جيئن ماهنامه الرضا بريلي (٧)، ماهنامه تحفه حنفيه پٽنه (٨)، وغيره. انهن رسالن جي ڪجهه پرچا نظر مان گذريا، جن ۾ عربي، اردو، ۽ فارسي ڪلام شامل

---

٣_ محمد مصطفيٰ رضا خان: الملفوظ،حصه پهرون، مطبوعه ڪراچي، صه ٤٢
٤_ ..............صه ٤١ _حدائق بخشش، جلد ٣، صه ٩٣_٩٤
٥_ غلام رسول مهر: ١٨٥٧ع ڪي مجاهد،مطبوعه لاهور،صه ٣١١، ١٩٧١ع
٦_ احمد رضا خان: حدائق بخشش، مطبوعه ڪراچي،صه ٢٣
٧_ الرضا بريلي، مختلف شمارا ١٣٣٨هه
٨_ تحفة حنفيه پٽنه، مختلف شماره، ١٣٢٥هه،١٣٢٦هه،١٣٢٧هه.

آهي_ سنہ ١٢٢٥هہ_١٩٠٧ع ۾ مولانا بريلوي جي ڪلام جو هڪ مجموعو حدائق بخشش جي نالي سان ٻن جلدن ۾ بريلي ۽ پٽنہ مان ڇپيو. هيستائين مولانا بريلوي جي سموري ڪلام کي رڳو حدائق بخشش ۾ جلد سمجهيو ٿي ويو ، مگر صحيح نہ آهي. ماهنامہ تحفه حنفيه پٽنہ ۾ هڪ اشتهار نظر مان گذريو جنهن ۾ ديوان حدائق بخشش کي " انتخاب ديوان" لکيو ويو آهي (٩). ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ مولانا بريلوي جو سمورو ڪلام اڃا گڏ ٿي نہ سگهيو آهي.

حدائق بخشش ٽيون حصو جي نالي بدايون مان هڪ مجموعو شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ مولانا بريلي جو عربي، اردو، ۽ فارسي ڪلام شامل آهي، مگر ان ۾ ڪجهہ ٻين جو ڪلام بہ شامل آهي. جناب شمس بريلوي ٽنهي حصن جو مستند انتخاب پنهنجي فاضلانہ مهاڳ سان مرتب ڪيو آهي. ۽ مدينہ پبلشنگ ڪراچي ١٩٧٦ع ۾ ڇپرايو آهي.

مولانا عبدالقادر بدايوني (وفات: ١٣١٩هہ_ ١٩٠١ع) جي منقبت ۾ چراغ انس (١٣١٥هہ_١٨٩٧) جي عنوان سان مولانا بريلوي هڪ مدحيہ قصيدو لکيو هو جيڪو پهرين دفعي تحفه حنفيه پٽنہ ۾ شايع ٿيو (١٠). پوءِ مولانا حسن رضا خان ڪتابي صورت ۾ بريلي مان شايع ڪيو. هي قصيدو ٧٦ شعرن تي مشتمل آهي. مولانا بريلوي ابوالحسن نوري (وفات:١٣٢٤هہ_١٩٠٦ع) جي

---

٩_ تحفة حنفيه پٽنہ، صفر ١٣٢٦هہ_صہ ٤٢

١٠_ تحفه حنفيه پٽنہ، شمارو رمضان ۽ شوال ١٣١٨هہ_١٩٠٠ع، صہ ٣٩_٤١

منقبت ۾ به هڪ مدحيه قصيدو مشرقستان قدس جي عنوانن سان لکيو هو اهو به ماهنامه تحفه حنفيه، پٽنه ۾ شايع ٿيو هو (۱۱) هڪ نظم الاستمداد علي اجيال الارتداد (۱۳۳۷هه_۱۹۱۸ع) جي عنوانن سان لکيو جو لائلپور (فيصل آباد) مان ۱۹۷۶ع ۾ڇپيو آهي. ڪتاب الطاري الداري (۱۳۳۹هه_۱۹۲۱ع) جي ٽئين حصي ۾ مولانا بريلوي جا تقريبًا ٻه سو عربي ۽ فارسي شعر ملن ٿا(۱۲)مولانا بريلوي مشهور عربي قصيده غوثيه جي منظوم فارسي شرح لکي، اها شرح (۱۳۲۱هه_۱۹۰۳ع) ۾ شايع ٿي چڪي آهي، ان ۾ ترجمي ۽ شرح جا مجموعي ۹۲ شعر آهن. اردو ۽ فارسي ڪلام وانگر مولانا بريلوي جو عربي ڪلام به ٽڙيل پکڙيل آهي. ربيع الاول ۱۳۰۰هه_ ۱۸۸۳ع ۾ عربي حمد جا سٽرهن شعر چيا (۱۳) فتاويٰ رضويه (۱۴) ملفوظات (۱۵) ۽ سندن (۱۶) وغيره ۾ به سندس عربي ڪلام ٽڙيو پکڙيو پيو آهي. ڊاڪٽر حامد علي (ريڊر شيعه عربي مسلم

---

۱۱_ تحفه حنفيه پٽنه شمارو ۱۱،۱۲، جلد۴ ..... چراغ انس، مطبوعه بريلي ، ۱۳۱۸هه

۱۲_ محمد مصطفيٰ رضا خان: الطاري الداري، مطبوعه بريلي

۱۳_(ا) احمد رضا خان: العطايا النبويه في الفتاوي الرضويه، جلد۱، صه ۳۷۱

۱۴_(ب) محمد يسٰ اختر: المديح النبويه عربي، سرائي مير، ۱۳۹۹هه _ ۱۹۷۹ع، صه ۱۹

۱۴_ احمد رضا خان: العطايا النبويه، جلد۱،صه ۳۷۱،۵۳۵

۱۵_ احمد رضا خان: الملفوظ، ۱۳۳۸هه_۱۹۱۹ع،مطبوعه ڪراچي، جلد ۲

۱۶_ احمد رضا خان: الاجازة الرضويه، مطبوعه لاهور ۱۳۹۷هه

يونيورسٽي علي ڳڙهه) مولانا بريلوي جي عربي شاعري تي هڪ مقالو لکيو آهي. جنهن ۾ ڪن پين شعرن ۽ ماخذن جي نشاندهي ڪيل آهي (١٧). مولانا محمود احمد قادري (ڪانپوري) مولانا بريلوي جي عربي ڪلام تي تحقيقي مقالو لکي رهيو آهي. ان سوين عربي شعر گڏ ڪيا آهن (١٨). مولانا بريلوي آمال الابرار جي نالي سان به هڪ عربي قصيدو لکيو هو جو ١٣١٨هه_١٩٠٠ع ۾ پٽنه جي عظيم الشان اجلاس ۾ پڙهيو ويو.

تاريخي قطعا ۽ تاريخ گوئي ۾ ڪمال: مولانا بريلوي کي تاريخي ماده ڪيڍڻ ۾ به وڏو ملڪو حصل هو. مولانا ظفرالدين بهاري لکيوآهي ته انسان جيتري دير ۾ ڪو مطلب لفظن ۾ ادا ڪري ٿو، اعلحضرت ايتري دير ۾ بي تڪلف تاريخي مادا ۽ جملا چئي ويندو هو (١٩). گهڻو ڪري مولانا بريلوي جي سيني ڪتابن جا نالا تاريخي آهن. مولانا بريلوي پنهنجي والد مولانا محمد نقي علي خان جي وفات تي عربي ۾ ١۶ تاريخي مادا چيا (٢٠). مولانا محمد اسمٰعيل (وفات ١٣١٧هه) جي وفات تي به عربي قطعا چيائين. انهن شعرن جي عبارت به تاريخي مادن تي مشتمل آهي. شعرن جي مجموعي تعداد ٥٢ آهي (٢١). هندستان جو مشهور بئريسٽر قاضي عبدالودود بانڪي پور

---

١٧_ انوار رضا، مطبوعه لاهور، ص ٥٣٣،٥٤٣

١٨_ لکيل خط ١٥ فيبروري ١٩٧٥ع

١٩_ظفرالدين بهاري: حيات اعلحضرت، جلد١، ص١٤١

٢٠_ ايضاً، ص ١٠

٢١_ ظفرالدين بهاري: حيات اعلحضرت، ص ١٤٤

جو والد قاضي عبدالوحيد بہ مولانا بريلوي جو خليفو هو. مولانا بريلوي ان جي وفات (١٣٢٦هہ_١٩٠٨ع) تي سندس جنازي جي نماز ۾ شريڪ ٿيو ۽ رستي ۾ عربي ۾ قطعہ تاريخ بہ چيو جو تحفه حنفيه ۾ وضاحتي نوٽ سان شايع ڪيو ويو (٢٢). پير عبدالغني جي وفات (١۴ شوال ١٣٣٨هہ_١٩٢٠ع) تي ڏهن عربي شعرن جو تاريخي مادو چيائين (٢٣). مولانا عبدالڪريم جبلپوري جي وفات (١٣١٧هہ) تي بہ تاريخي قطعو عربي ۾ چيو (٢۴). مطلب تہ مولانا بريلوي جي عربي، فارسي ۽ اردو ۾ شعرن جو وڏو ذخيرو اجا ٽڙيل پکڙيل آهي. ڪليات رضا جي نالي سان ڪو اديب هن وکريل ڪلام کي گڏ ڪري تہ هي بہ هڪ وڏي ادبي خدمت ٿيندي.

مولانا بريلوي تمام حتياط ۽ سوچ سان نعتون چيون. ان نعت چوڻ وقت آڳاٽن ۽ پوئين دور جي عالمن ۽ شاعرن جي ڪلام تي نظر رکي آهي. ۽ وڏي حتياط سان هن ميدان ۾ آيو آهي. اهو ئي سبب آهي جيڪڏهن ڪنهن سندس نعت جي ڪنهن لفظ جي معنيٰ تي اعتراض ڪيو تہ پاڻ ان جو فوري طور پورو جواب ڏنو. جئين ٨ ذوالحج ١٣٢٦هہ_١٩٠٨ع تي ڪانپور جي هڪ شاعر محمد آصف لکيو تہ ديوان حدائق بخشش جي سٽ "حاجيو! آوء شهنشاه ڪاروضہ ديڪهو" ۾ لفظ شهنشاه جو

---

٢٢_ تحفه حنفيه پٽنہ شمارو ربيع الاخر ١٣٢٦هہ_١٩٠٨ع، صہ ۴١

٢٣_ الرضا بريلي، شمارو ذوالقعد ١٣٣٨هہ_١٩٢٠ع، صہ ٣

٢۴_خط مولانا برهان الحق جبلپوري، ٢٨جولاء ١٩٧٨ع

استعمال مناسب ڪونهي. ان ڪري ان کي هن طرح ڪري پڙهجي:

حاجيو! آؤ ميري شاهہ ڪا روضا ديکهو(٢٥).

مولانا بريلوي لفظ شهنشاهہ کي صحيح قرار ڏيندي هيٺين شاعرن، صوفين ۽ عالمن جا شعر ۽ تحريرون جا حوالا دليل طور ڏنا، امام رڪن الدين ابوبڪر، محمد بن ابي المفاخر بن عبدالرشيد ڪرماني، علامہ خيرالدين زرڪلي، مولانا جلال الدين رومي، شيخ مصلح الدين سعدي، حضرت امير خسرو، مولانا جامي، حافظ شيرازي، مولانا نظامي ۽ شيخ شهاب الدين ۽ ٻيا. انهن بزرگن حضور صلي الله عليه وسلم جي لاءِ شهنشاهہ، بادشاهن جو بادشاهہ، سلطان السلاطين وغيره جا لفظ استعمال ڪيا آهن.

اهڙي ريت ڳڙهي اختيار خان ( تعلقہ خانپور سابق رياست بهاولپور) مان حضرت علامہ شاهہ محمد چشتيءَ فريديءَ ٩ شعبان ١٣٣٤هہ تي مولانا بريلوي کي خط لکيو تہ هڪ محفل ۾ جڏهن سندس قصيده معراجيہ (٢٦). پڙهيو ويو تہ ڪن ماڻهن انهن شعرن تي اعتراض ڪيو جن ۾ بيت الله ۽ بهشت کي ڪنوار ۽ حضور صلي الله عليه وسلم کي گهوٽ سان تشبيه ڏني وئي آهي. ان

---

٢٥_ احمد رضا خان: فقه شهنشاهہ وان القلوب بيدالمحبوب بعطاءالله، ١٣٢٦هہ_لاهور

٢٦_ قصيده معراجيه، مسلم يونيورسٽي پريس علي ڳڙهہ مان ڇپيو گهڻو ڪري مولانا بريلوي جي خليفي پروفيسر سليمان اشرف (صدر شعبہ دينيات) ڇپرايو هو.

محمد يار ڳڙهي واري، مولانا بريلوي کان ان اعتراض جو جواب گهريو. مولانا بريلوي فوري طور ان جو جواب لکي موڪليو ۽ پنهنجي موقف جي تائيد ۾ مختلف ڪتابن مان مثال ۽ دليل پيش ڪيا، جن ۾ حضور جن، حضرت علي سائين، بيت الله ۽ بهشت کي گهوٽ ۽ ڪنوار سان تشبيه ڏني وئي آهي. انهن ڪتابن جا نالا هي آهن: تاريخ بغداد، معجم اوسط، مسند امام احمد، مواهب لدنيه، مطالع المسرات، شعب الايمان، مستدرڪ حاڪم، صحيح ابن خزيمه، سنن بيهقي ،قوت القلوب، احياء العلوم، نهايه، ڪتاب التذڪره، مدارج النبوة وغيره (٢٧).

اهڙو خبردار ۽ حاضر جواب شاعر جو پنهنجي ڪلام جي هڪ هڪ لفظ کي تڪي توري بيان ڪندو هجي ۽ لفظي ۽ معنوي اعتراضن جي جواب ۾ دليلن ۽ مثالن جا انبار پيش ڪندو هجي، ورلي نظر ايندو. نه رڳو ايترو پر پنهنجي ڪلام جي لفظن بلڪ وڏن بزرگن جي ڪلام تي به گهري نظر رکندو هو. ذوالحج ١٣٠٦هه ـ ١٨٨٩ع ۾ حيدر آباد دکن مان مولانا محمد ابراهيم قادري لکيو ته، مولانا محمد وڪيل سڪندر پوري، قصيده غوثيه جي شرح لکي رهيو آهي، جنهن ۾ قصيده غوثيه جي عربي عبارتن تي ڪيل اعتراضن جا جواب لکي رهيو آهي؛ جنهن ۾ تعاون واسطي اوهان به ڪجهه علمي نڪتا لکي موڪليو. مولانا بريلوي ان جي جواب ۾ وڏن عالمن ۽ امامن جي ڪتابن مان تيهه مثال پيش ڪيا، جن ۾ عربي گرامر جو خيال نه ڪيو ويو هو.

٢٧ـ احمد رضا خان: حجب مخدوم بهار، مطبوعه لاهور، صه ٢٠

(٢٨) ان مان مولانا بريلوي جي عربي شعر و شاعري تي گهري نظر ۽ عبور جو پتو پوي ٿو. مولانا بريلوي لکيو ته، پهريان ته قصيده غوثيه ۾ گرامر جي خلاف ڪلام ۾ به اهڙا مثال موجود آهن. مولانا بريلوي کي قديم ۽ جديد شاعرن جي ڪلام تي عبور ۽ گهري نظر هئي. مارهره (يو- پي پارت) مان سيد نور عالم شاه مولانا بريلوي کي لکيو ته، مرزا محمد رفيق سودا جو هڪ شعر دوستن ۾ زير بحث آيو پرڪو به ان شعر کي سمجهي ۽ سمجهائي نه سگهيو. ان تي اوهان ڪجهه روشني وجهو سودا جو شعر هي هو:

ها جب ڪفر ثابت هي يه تمغائي مسلماني
نه ٽوٽي شي سي زنار تسبيح سليمان

سيد منور عالم جو خط بريلي پهتو. مولانا امجد علي اعظمي کين پڙهي ٻڌايو.

مولانا بريلوي ان مهل ئي ان شعر جي شرح لکرائي موڪلي ڏني. شرح پڙهي اندازو ٿئي ٿو ته، انهن نڪتن ڏانهن خود شاعر سودا سان بيان ڪيو ۽ شعر کي هيٺاهين تان کڻي بلندي تي پهچائي ڇڏيو. (٢٩)

مولانا بريلوي جي شاعري تي هندستان ۽ پاڪستان ۾ گهڻا مقالا لکيا ويا آهن، هن وقت تائين تقريبًا ٣٢ مقالا ڇپجي چڪا آهن. (٣٠) ۽ گهڻا اشاعت جا منتظر آهن. ڪن عالمن ته مولانا بريلوي جي شاعري

٢٨- احمد رضا خان: الزمزمة، (١٣٠٦هه- ١٨٨٨ع) مطبوعه لاهور، صه ١٤

٢٩- هي شرح المفلوظ، حصه ٢، ڇپيل ڪراچي، صه ٣٨ کان ١٤ تائين پکڙيل آهي. مسعود

٣٠- (١) الميزان بمئي، انوار رضا لاهور، امام نعت گويان لاهور.

بابت رسالا ۽ ڪتاب بہ لکيا آهن، جن مان هي ڪتاب قابل ذڪر آهن:

١- شمس بريلوي: اعليٰ حضرت علہ نعتيہ ڪلام ڪا تحقيقي اور ادبي جائزه، ڪراچي، ١٩٧٩ع

٢- شاعر لکنوي: تاريخ نعت گوئي مين رضا بريلوي ڪا منصب، لاهور- ١٩٧٧

٣_ اختر الحامدي: امام نعت گويان، مطوبہ لاهور ١٩٧٧

۴_ محمد وارث جمال: امام شعر و ادب، مطبوعہ الہ آباد، سال ١٩٧٨ع

٥- ڊاڪٽر الهي بخش: عِرفان رضا، قلمي، ١٩٧٩ع

(٦)

# علمي ادبي خدمتون

مٿئين تفصيل مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مولانا بريلوي کي علم قرآن، علم تفسير، علم حديث، علم فقه، سياست، ادب ۽ شاعري ۾ وڏو ڪمال حاصل هو. گهڻن قديم ۽ جديد علمن ۽ فنن ۾ بہ کيس وڏو رتبو حاصل هو ۽ هو هن صديءَ جي ناميارن عالمن مان هو. هو سنہ ١٢٧٢هہ، ١٨٥٦ع ، ۾ ڄائو ۽ ٢٥ صفر ١٣٤٠هہ، ١٩٢١ع ، تي جمعي جي ڏينهن بريليءَ ۾ وصال ڪيائين. هو تقريبًا ٦٥ سال هن فاني جهان ۾ حيات رهيو ۽ اڌ صدي تائين اسلام ۽ ملت اسلاميہ جي علم جي ذريعي خدمت ڪندو رهيو.سندس يادگاز علم و فضل جا صاحب فرزند مولانا حامد رضا خان(وفات:١٣٦٢هہ – ١٩٤٢ع) ۽ مولانا مصطفيٰ رضا خان(وفات:١٤٠٢هہ –١٩٨١ع).گهڻا شاگرد(٣١).

---

٣١– مولانا بريلوي جي شاگردن جي تفصيل واسطي هيٺين ڪتابن ڏي رجوع ڪرڻ گهرجي:

(ا) محمود احمد قادري: تذڪره علماء اهل سنت، مطبوعہ لاهور، ١٣٩١هہ– ١٩٧١ع

(ب) محمد عبدالحڪيم شرف: تذڪره اڪابر اهل سنت، مطبوعہ لاهور، ١٣٩٦هہ– ١٩٧٦ع

(ج) محمد صادق قصوري: اڪابر تحريڪ پاڪستان، مطبوعہ لاهور

خليفا (٣٢) ۽ هزار کان وڌيڪ ڪتاب آهن. هن مختصر مقالي ۾ گنجائش ڪانهي، نه ته مولانا بريلويءَ جي فرزندن، شاگردن ۽ خليفن جي باري ۾ تفصيلي احوال بيان ڪيو وڃي ها. سردست سندس ڪتابن جي باري ۾ مختصر عرض ڪيو وڃي ٿو.

**تصنيف ۽ تحقيق جو معيار:** مولانا بريلوي ڪثيرالتصانيف عالم هو مگر گهڻا ڪتاب لکڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي، جيستائين هي معلوم نه ٿئي ته، ليکڪ جو تحقيقي معيار ڪهڙو آهي. هو ڪچين ڦڪين ڳالهين ڪرڻ جو خفتي ته نه آهي. مولانا بريلوي تحقيق ۽ ريسرچ متعلق ڳچ نڪتا پيش ڪيا آهن. انهن مان ڪي نڪتا پيش ڪجن ٿا، جنهن مان خبر پوندي ته، سندس تحقيق جو معيار ڪيترو مٿانهون آهي.

تحقيق ۽ ريسرچ ۾ نسخن ۽ متن جي صحت کي بنيادي اهميت حاصل آهي. ڏٺو ويو آهي ته، محقق به ان جو خيال نه ڪدا آهن ۽ هر ڇپيل ڪتاب مان استفادو ڪري، سَند ۽ دليل پيش ڪندا آهن ۽ ڪتاب جي هر لکيل ڳالهه کي بنا سوچ ويچار جي ليکڪ سان منسوب ڪري ڇڏيندا آهن. مولانا بريلوي هن معاملي ۾ تمام

---

٣٢- مولانا بريلوي جي خليفن جي تفصيل واسطي هيٺين ڪتابن ڏي رجوع ڪرڻ گهرجي:

(ا) محمد صادق قصوري: خلفاء اعلیٰ حضرت، جلد اول، دوم، قلمي، مرڪزي مجلس لاهور

(ب) مفتي محمد برهان الحق جبلپوري: اڪرام امام احمد رضا، مطبوعہ لاهور

محتاط هو. هُن پنهنجي هڪ رسالي ۾ نسخن جي صحت، متن، سَند جو ملائڻ، توارر، مشهوري، احتياط ۽ دليل وغيره تي بحث ڪيو آهي. نسخن جي صحت تي بحث ڪندي لکي ٿو: ١۔ ڪو ڪتاب ڪنهن بزرگ جي نالي منسوب هجڻ، ان مان قطعي ثبوت لازم نہ ٿو ٿئي (٣٣).

٢۔ ڪنهن ڪتاب جو ثابت ٿيڻ بہ ان جي هر عبارت جو ثابت ٿيڻ ناني (٣٤).

سَند جي ملائڻ بابت بحث ڪندي لکي ٿو: ١۔ علماء وٽ گهٽ درجي جو ثبوت هي هو تہ نقل ڪندڙ جي لاءِ مصنف تائين معتبر ذريعي لاڳيتي سَند مليل هجي. سَند ملائڻ سان ئي مصنف بابت پڪ ٿي سگهي ٿي. (٣٥)

تواتر تي بحث ڪندي لکي ٿو ١۔ ڪتاب جو ڇپجي وڃڻ بہ ان کي متواتر نہ ٿو ڪري تہ ڇپيل بہ اهو

---

٣٣۔ مولانا بريلويءَ جو هي چوڻ صحيح آهي تہ مصنف سان ڪتاب جي نسبت هن ڳالهہ جو قطعي دليل ڪونهي تہ واقعي اهو ڪتاب هن جو آهي. ڪجھ وقت ٿيو آهي تہ رامر پور مان مولانا امتياز علي عرشي ڪراچي آيو. هن جي مَان ۾ انجمن ترقي اردو طرفان شامر رچائي وئي، راقمر بہ دعوت ۾ موجود هو. عرشي صاحب جوابي تقرير ۾ چيو تہ هو هڪ تحقيقي اداري ۾ ويو، جتي لغت تي ڪمر ٿي رهيو هو ۽ معنيٰ جي اصليت ۽ صحيح هجڻ لاءِ مختلف ديوانن جا شعر دليل طور نقل ڪيا ٿي ويا. مون محققن کان سوال ڪيو تہ اوهان وٽ ان جو ڪهڙو ثبوت آهي تہ هي شعر پڪ سان انهي شاعر جو آهي، ڇپيل يا قلمي ديوان ۾ هجڻ ان جو دليل نہ آهي. هي سوال ٻڌي سڀ محقق چپ ٿي ويا. مسعود.

٣٤۔ احمد رضا خان: حجب العوار، ص ٣

٣٥۔ ايضًا ص ٧ ۔

اصل نسخو آهي جو ڪنهن ڪِتب مان هٿ آيو ۽ اتان اتاري لکيو ويو (٣٦). ٢- گهڻا قلمي نسخن جو موجود هجڻ به تواتر لاءِ ضروري نه آهي. جيستائين هي پڪ نه ٿئي ته هي سڀ نسخا جدا جدا اصل ۾ مصنف کان نقل ڪيل آهن. ممڪن آهي ته نقل ڪندي ڪندي تحريف ٿي وئي هجي. ان سان الحاقي مواد ملي ويو هجي (٣٧).

تد اول ۽ مشهوري تي بحث ڪنديءَ لکي ٿو: ١- پوئين دور جي عالمن وٽ ڪتاب جو اهڙو مشهور ۽ رائج هجڻ، جنهن سان يقين ٿئي ته هن ۾ متا ستا ڪا نه ٿي آهي (٣٨). ٢- ڪتاب شروعات کان هيئنئر تائين عالمن جي درس تدريس، تحقيق تنقيد ۽ مطالعي جو مرڪز رهيو هجي. جنهن مان ظاهر ٿئي ته هن ڪتاب جو مواد عالمن جي زير نظر رهي چڪو آهي ۽ موجوده حالت ۾ به ان کي مصنف جو ڪلام مڃيو وڃي (٣٩). ٣- عالمن جي تحقيق موجب رڳو ڪتاب جو موجود هجڻ ڪافي ناهي، ڇو جو ڪتاب جو رڳو هجڻ ۽ مشهوريءَ ۾ وڏو فرق آهي (٤٠).

ڪتاب نقل ڪرڻ جي احتياط ۽ دليل تي بحث ڪندي لکي ٿو:

١- عالمن فرمايو آهي ته جا عبارت ڪنهن ڪتاب جي نسخي ۾ ملي، جيڪڏهن صحيح نسخي جي پڪ

---

٣٦- ايضًا صہ ٥
٣٧- ايضًا صہ ٨-
٣٨- ايضا صہ ٧
٣٩- ايضًا صہ ٧، ٨
٤٠- ايضًا صہ ٨

هجي يعني هي تہ اِن قلمي نسخي کي خود مصنف يا کنهن ٻئي پڪي ماڻهوءَ اصل مصنف سان ڀيٽيو تہ، پوءِ هي چوڻ درست ٿيندو تہ، مصنف فلاڻي ڪتاب ۾ هي لکيو آهي. ٻي صوررت ۾ ائين چوڻ مناسب ناهي (٤١).

٢- ان صحيح ۽ اعتبار جوڳي نسخي جي ڀيٽ مصنف جي اصل نسخي سان ڪيل هجي يا اهڙي ريت پڪيون ثابتيون هجن تہ پوءِ بہ ان کي مصنف جو قول چوڻ صحيح آهي (٤٢).

**مولانا بريلوي جي ڪتابن جو وچو:** مٿئين تحقيقي معيار مان مولانا بريلوي جي تصنيف ۽ تاليف جي قدر ۽ قيمت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مولانا رحمان علي سنہ ١٣٥٠هہ ، ٨٨- ١٩٨٧ع ، ۾ پنهنجو ڪتاب تذڪره علمائي هند مرتب ڪيو تہ مولانا بريلوي جي ڪتابن جو تعداد ٧٥ ٻڌايو (٤٣). ان وقت مولانا بريلوي جي عمر ٽيهہ سال هئي. سنہ ١٣٢٣هہ ، ١٩٠٥ع ، ۾ خود مولانا بريلوي پنهنجي ڪتابن جو تعداد ٻہ سو لکيو (٤٤). سنہ ١٣٢٧هہ ، ١٩٠٩ع ۾ مولانا ظفرالدين بهاريءَ مولانا بريلوي جي ڪتابن جي تعداد بابت هڪ رسالو لکيو جنهن ۾ پنجاه مختلف علمن ۽ فنن تي مولانا بريلوي جي ٣٥٠ ڪتابن جو ذڪر ڪيو (٤٥) ۽ لکيو تہ ڳولها ڪئي وڃي تہ، ٥٠ ڪتاب ٻيا

٤١- احمد رضا خان: حجب العوار، صہ ٦- ٤٢- ايضًا صہ ٥

٤٣- رحمان علي: تذڪره علمائي هند، مطبوعہ لکنو ١٣٣٢هہ- ١٩١٣ع، صہ ١٨

٤٤- احمد رضا خان: رسائل رضويہ، جلد ٢، مطبوعہ لاهور، صہ ٢٧٢، ٢٣٤

٤٥- ظفرالدين بهاري: المجمل المعدد لتاليفات المجدد، مطبوعہ پٽنہ.

٤٦- ايضًا، صہ ٤

بہ ليپي سگهندا (٤٦). انهن ۾ ١٠٠ عربي، ٢٧ فارسي ۽ ٢٢٣ اردو آهن. مولانا بريلوي جي وڏي فرزند مولانا حامد رضا خان لکيو آهي تہ مولانا بريلوي جا ڪتاب ڇئن سون کان وڌيڪ آهن (٤٧).

هي انگ اکر مختلف وقتن ۾ مولانا بريلوي جي زندگي ۾ گڏ ڪيا ويا. مولانا بريلوي جي وفات کان پوءِ مولانا ظفرالدين بهاري سندس ڪتابن جو جوڙ ڪيو تہ ڇهن سون کان انگ مٿي بيٺو جنهن جو تفصيلي ذکر هن "حيات اعليٰ حضرت" جي پهرئين جلد ۾ ڪيو آهي. (٤٨). سنہ ١٣٩٦هہ- ١٩٧٦ع ۾ بمبئي مان رسالہ ماهنامہ الميزان، امام احمد رضا نمبر شايع ڪيو آهي. ان ۾ مولانا بريلوي جي ٥٤٨ ڪتابن جو ذکر موجود آهي (٤٩). مفتي اعجاز ولي خان (وفات، ١٣٩٣هہ- ١٩٧٣ع) وڌيڪ تحقيق ڪئي تہ هي تعداد هزار کان مٿي ٿي ويو. هن مولانا بريلوي جي ڪتابن جو ذکر ڪندي لکيو آهي تہ صاحب التصانيف العاليہ والتا ليفات الباهره التي بلغت اعداد هافوق الالف (٥٠). مطلب تہ مولانا بريلوي گهڻن ڪتابن جو مصنف آهي، سندس ڪتابن جو تعدد هزار کان مٿي

---

٤٧- حامد رضا خان: حاشمہ الدولة المکة، مطبوعہ ڪراچي.

٤٨- ظفرالدين بهاري: حيات اعليٰ حضرت، جلد ١، مطبوعہ ڪراچي، صہ ١٣،

٤٩- الميزان بمبئي، ١٣٩٦هہ- ١٩٧٦ع، صہ ٣٠٦- ٣٢٤

٥٠- (ا) اعجاز ولي مفتي، ضميمہ المتقه المنتقد، مطبوعہ لاهور صہ ٢٦٦

(ب) محمود احمد قادري، تذڪره علمائي اهل سنت، مطبوعہ ڪانپور ١٣٩١هہ- ١٩٧١ع

آهي. هڪ پڪي اطلاع موجب مولانا بريلوي جي ڇپيل ڪتابن جو تونل درگاه برڪاتيه مار هره ( يو. پي انڊيا) ۾ محفوظ آهي (٥١).

ٻئي اطلاع موجب دارالعلوم اشرفيه (مبارڪپور اعظم ڳڙه، انڊيا) جي فاضل مولانا عبدالمبين نعمانيءَ مولانا بريلوي جي ڪتابن جي تفصيلي لسٽ گهڻي ڪوشش ۽ تحقيق کان پوءِ مرتب ڪئي آهي (٥٢).

تصنيفات کان علاوه مولانا بريلوي جا ڪتابن تي لکيل حاشيا ۽ شرح بہ آهن، جنهن جو ذڪر مولانا نعماني ڪيو آهي (٥٣).

مولانا هدايت الرسول لکنوي (وفات، ١٣٣٤هه-١٩١٥ع) مولانا بريلوي جي حاشين ۽ شرح جو مطالعو ڪيو ۽ پوءِ پنهنجا تاثرات بيان ڪندي لکيو تہ مولانا بريلوي جا حاشيا خود سندس اضافا ۽ واڌارا هوندا آهن(٥٤). مولانا عبدالحڪيم شاهجهان پوري شرح ۽ حاشين جو تعداد ڳڻ ڪيو آهي، جن جو تعداد بہ ڏيڍ سئو تائين پهچي ٿو(٥٥). هن مختصر مقالي ۾ مولانا بريلوي جي سيني

٥١- مولانا محمود احمد قادري جو خط حڪيم محمد موسيٰ امر تسري جي نالي، ١٥ فبروري ١٩٧٥ع

٥٢- محمد يسس اختر اعظمي: امام احمد رضا ارباب علم و دانش کي نظر مين، اله آباد، ١٩٧٧

٥٣- ..........................................................

٥٤- ظفرالدين بهاري: حيات اعلحضرات، جلد ١، مطبوعہ ڪراچي، ص ١٣٨

٥٥- حاشيہ فاضل بريلوي علمائي حجاز کي نظر مين، مطبوعہ لاهور، ١٣٩٨هه- ١٩٧٨ع

ڪتابن جو احوال ۽ تفصيل ڏيڻ ممڪن ڪونهي. سندس ڪتابن جي تفصيل ۽ ڀرپور تبصري لاءِ هڪ ضخيم ڪتاب جي ضرورت آهي. مولانا بريلوي جي مدرسي ”دارالعلوم منظر اسلام“ (بريلي، انڊيا) جي ڪتب خاني ۾ تمام گهڻا قلمي ڪتاب آهن. رسالہ ماهنامہ اعليٰ حضرت (بريلي) هن علمي ذخيري مان ٣٤ علمن ۽ فنن تي تقريباً اڍائي سو ڪتابن جو تفصيل ڏنو آهي (٥٦). انهن قلمي ڪتابن ۾ گهڻا تہ خود مولانا بريلوي جي هٿ جا لکيل آهن. هتي ڪجھ علمن ۽ فنن ۾ سندس قلمي ڪتابن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو:

**علم فقہ:**

١- شمائم العنبر في ادب النداء امام المنبر(عربي) ١٣٣٣ھ ، ١٥- ١٩١٤ع

٢- حسن التعميم لبيان حد اليتيم (اردو) ١٣٣٥ھ ، ١٧- ١٩١٦ع

٣- الڪشف شافيا في حڪم فونو ڪرافيا (اردو) ١٣٣٨ھ- ١٩١٠ع

**رياضي:**

٤- المعني المجلي (فارسي)، ١٣٢٧ھ- ١٩٠٩ع

٥- وجود زوايا مثلث ڪروي (فارسي)، ١٣٢٩ھ ، ١٩١١ع

٦- مبحث المعادلہ ذات الدرجة الثانية (عربي)، ١٣٣١ھ (١٣- ١٩١٢)

---

٥٦- اعليٰ حضرت (بريلي) شمارو آڪٽوبر ۽ ڊسمبر ١٩٦٢ع

٧- زوالية الاختلاف المنظر ١٣٣٣هـ ، ١٥- ١٩١٤ع

**جبر و مقابلہ:**

٨- رسالہ جبرو مقابلہ (فارسي)، ١٣٢٩هـ - ١٩١١ع

٩- حل ساد تھائي درجہ سوم (فارسي)، ١٣٣٠هـ ١٢- ١٩١١ع

١٠- حل المعادلات لقوي المعكبات (فارسي)

**تكسير**

١١- ١١٥٢ مربعات (اردو)، ١٣٢٧هـ- ١٩٠٩ع

**مثلث**

١٢- رسالہ علم مثلث (فارسي)، ١٣٢٩هـ- ١٩١١ع

١٣- تلخيص علم مثلث كروي (فارسي)، ١٣٣١هـ ١٣- ١٢١٢ع

**هيئت**

١٤- استخراج وصول قمر (فارسي)، ١٣١٩هـ- ١٩٠١ع

١٥- الكسري العشري (عربي)، ١٣٣١هـ- ١٣- ١٩١٢ع

١٦- معدن علومي درسنين هجري و عيسوي و رومي (اردو)، ١٣٢٦هـ - ١٩٠٨

١٧- طلوع و غروب كواكب و قمر ( اردو)، ١٣٣٧هـ ( ١٨- ١٩١٧ع )

١٨- قانون رويت اهلہ (اردو)، ١٣٣٧هـ ، ١٩- ١٩١٨ع

١٩- رويت هلال (اردو)، ١٣٣٨هـ ، ٢٠- ١٩١٩ع

## توقيت

٢٠ـ البرهان القويم علي العرض والتقويم (فارسي) ١٣٢١هـ ، (٤ـ ١٩٠٣ع)

٢١ـ تسهيل تعديل (اردو)، ١٣٢٩هـ - ١٩١١ع

٢٢ـ الجمل الدائره في خوط الدائره (فارسي)، ١٣٣٠هـ ١٢ـ ١٩١١ع

٢٣ـ اوقات صلواة مكه ومدينه (اردو)، ١٣٣١هـ (١٣ـ ١٩١٢ع)

٢٤ـ استخراج تقويمات كواكب (فارسي) ١٣٣١هـ (١٣ـ ١٩١٢ع)

٢٥ـ طلوع و غروب نيرين (اردو)، ١٣٣٢هـ ،(١٤ـ ١٩١٣ع)

٢٦ـ سيول كواكب وتعديل الايام (اردو)، ١٣٣٨هـ ٢٠ـ ١٩١٩ع

## ارثماطيقي

٢٧ـ الموهبات في المربعات، ١٣١٩هـ ،(٢ـ ١٩٠١ع)

## رد فلسفۂ قديم

٢٨ـ الكلمة الملهمة في الحكمة المحكمة لوهاء العلسفة المشئمة، ١٣٣٨هـ - ١٩١٩ع

## رد فلسفۂ جديد

٢٩_ فوز مبين درحركت زمين (اردو) ١٣٣٨هـ_ ١٩١٩ع
٣٠_ معين مبين بهر دور سمس وسكون زمين (اردو) ١٣٣٩هـ_ ١٩١٩ع

## جفر

٣١_ الجد اول الرضوية الاعمال الجفريه (عربي)، ١٣٢٢هـ، (٥_ ١٩٠٤ع)
٣٢_ الرسائل الرضوية للمسائل الجفريه (عربي)، ١٣٢٢هـ، ٥_ ١٩٠٤ع
٣٣_ اسهل الكتب في جميع المنازل ( عربي )، ١٣٣١ هـ، (١٣_١٩١٢)

## نجوم

٣٤_ مشسوليات اسهام (فارسي)، ١٣٢٩هـ_ ١٩١١ع

## (٧)

# شخصيت جي تقاضا

مولانا بريلوي جي علمي شخصيت جي تقاضا آهي ته، تحقيقي ادارن ۽ يونيورسٽين ۾ هن تي تحقيق ڪئي ۽ قلم کنيو وڃي. مولانا بريلوي جي وصال کان پوءِ اڌ صدي تائين ڪو به قابل ذڪر ڪم ڪو نه ٿيو. ١٩٦٨ع ۽ ١٩٧١ع جي دوران قاضي عبدالنبي ڪو ڪب مرحوم (نگران شعبه مشرقي علوم، پنجاب يونيورسٽي لائبريري، لاهور) "مقالات يوم رضا" جي نالي مختلف عالمن ۽ اديبن جا مضمون ۽ تاثرات گڏ ڪري ٽن جلدن ۾ لاهور مان شايع ڪيا. ان کان پوءِ مرڪزي مجلس رضا، لاهور، حيڪم محمد موسيٰ امرتسري جي ڀرپور قيادت ۾ ڪم کي اڳتي وڌايو ۽ ان ڏس ۾ گهڻا مقالا ۽ رسالا شايع ڪيا. اداره الميزان بمبئي ۽ شرڪت حنفيه لميٽيڊ، لاهور به قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هندستان ۾ المجمع الاسلامي (مبارڪپور، اعظم ڳڙهه) جي نگراني ۾ مولانا بريلوي جو ردالمختار تي ضخيم عربي حاشيه جدالممتار جي نالي سان حيدر آباد دکن مان ڇپجي رهيو آهي ( حاشيه جدالممتار ڇپجي ويو آهي)، علي ڳڙهه ۾ مرڪز اسلامي تعليمات جي سرپرستي ۾ رضا ريسرچ سينٽر ۾ به ڪم شروع ٿي رهيو آهي. هتي مولانا بريلوي جي ڪتابن جو عربي، انگريزي ۽ فرانسيسي ترجمن

شايع ڪرڻ جو بندوبست بہ ڪيو ويندو. پٽنہ يونيورسٽي (هندستان) ۾ ويجهر ۾ مولانا بريلوي جي فقاهت تي مولانا حسن رضا خان تحقيقي ڪم ڪيو آهي. جنهن تي کيس پي ايچ ڊي جي ڊگري ملي وئي آهي. (مولانا حسن رضا خان جو اهو تحقيقي مقالو " فقيه اسلام" نالي سان ڇپجي ويو آهي.) جبلپور يونيورسٽي (هندستان) سنڌ يونيورسٽي، سنڌ پاڪستان، ۽ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد پاڪستان، ۾ بہ مولانا بريلوي تي ڪم ٿي رهيو آهي.

١٩٧٥ع ۾ جامعہ ازهر مصر جي پروفيسر محي الدين الوائي (اهلحديث) مولانا بريلوي تي هڪ علمي مقالو عربي ۾ لکيو (١). مفتي اعجاز ولي خان، مولانا عبدالحڪيم شرف، مولانا افتخار احمد ۽ ٻين مولانا بريلويءَ تي عربي ٻولي ۾ تعارفي مقالا لکيا آهن (٢). مفتي شجاعت علي قادري ڪراچي، مولانا بريلوي جي زندگي بابت "مجددالامة" نالي عربي ۾ ڪتاب لکيو آهي (٣). انگريزي ۾ امريڪا جي ڪيليفورنيا يونيورسٽي (شعبہ تاريخ) جي فاضلہ ڊاڪٽر باربرامتڪاف پنهنجي هڪ مقالي ۾ مولانا بريلوي تي اظهار خيال ڪيو آهي (٤). مگر هن گهرو مطالعو پيش نہ ڪيو آهي. هالينڊ جي ليڊن يونيورسٽي (شعبہ اسلاميات) جي

(١) صوت الشرق قاهره، شمارو فبروري ١٩٧٥ع

(ا) فضل رسول بدايواني: المستند المعتقد، مطبوعہ لاهور. صہ ٢٦٥- ٢٧٤

(ب) احمد رضا خان: اجلي الاعلام، مطبوعہ استنبول، ١٩٧٥ع صہ ٢-٤

(ج) احمد رضا خان: الفضل الموهبي، مطبوعہ لاهور ١٩٧٧ع

٣- شجاعت علي قادري: مجدد الامة مطبوعہ ڪراچي، ١٩٧٩ع

4_ THE REFORMIST ULEMA: MUSLIM RELIGIOUS LEADERSHIP IN INDIA. 1860_ 1900 (BERKELEY, 1974

پروفيسر جي ايم ايس بليان بہ ان طرف متوجہ ٿيو آهي. ۽ پين فتوائن سان گڏ فتاويٰ رضويہ (امام احمد رضا بريلوي) ڏانهن بہ متوجہ ٿيو آهي. پاڪستان جي تحقيقي ادارن ۽ يونيورسٽين ڪي بہ ان طرف توجہ ڏيڻ گهرجي ( سنڌي ۾ بہ مولانا بريلوي تي ڪم ٿيو آهي. مولانا بريلوي جي مشهور قرآن جي ترجمي ڪنزالايمان ۽ تمهيدايمان جو ترجمو ٿيو آهي ۽ مترجم بہ مولانا بريلوي تي ڪجهہ مقالا لکيا ۽ ترجمو ڪيا آهن.)

## ساٿي ۽ سونهان (ڪتابيات)


١- ابوالحسن علي ندوي: نزهة الخواطر وبهجة المسامع والنواظر، جلد ٨، ڇاپو حيدر آباد دکن، ١٩٧٠ع

٢- احمد رضا خان بريلوي: حدائق بخشش ( ١٣٢٥هہ - ١٩٠٧ع) حصہ ١، ٢، ٣، مطبوعہ ڪراچي

٣- احمد رضا خان بريلوي: ڪنزالايمان في ترجمة القرآن (١٣٣٠هہ ١٩١١ع)، مطبوعہ مراد آباد

٤- احمد رضا خان بريلوي: رسائل رضويہ، مرتب: مولانا عبدالحڪيم اختر، جلد ١، ٢، ڇاپو لاهور ١٩٧٦

٥- احمد رضا خان بريلوي: الفيوضات الملڪية لمحب الدولة المڪية، (١٣٢٦هہ- ١٩٠٨ع)، مطبوعہ ڪراچي

٦- احمد رضا خان بريلوي: النيرة الوضية شرح الجوهرة المضية (١٢٩٥هہ- ١٨٧٨ع)

٧- احمد رضا خان بريلوي : النهي الاڪيد عن الصلواة وراء عدي التقليد، ( ١٣٠٥هہ- ١٨٨٧ع

٨- احمد رضا خان بريلوي: الهادالڪاف في حڪم الضعاف، ١٣١٣هہ- ١٨٩٥ع، مطبوعہ بمبئي

٩ـ احمد رضا خان بريلوي: حاجز البحرين الواقي عن جمع الصلاتين، ١٣١٣هـ ـ ١٨٩٥ع، مطبوعہ بريلي
١٠ـ احمد رضا خان بريلوي: الفضل الموهبي في معني اذاصح الحديث فهومذهبي، ١٣١٣ هـ - ١٨٩٥ع ، مطبوعه بريلي
١١ـ احمد رضا خان بريلوي: الدولة المكية بالماة الغيبية، ١٣٢٣هـ ـ ١٩٠٥ع، مطبوعہ كراچي
١٢ـ احمد رضا خان بريلوي: كفل الفقيه الفاهم في احكام قرطاس الدراهم، ١٣٢٤هـ ـ ١٩٠٦ع، لاهور
١٣ـ احمد رضا خان بريلوي: العطايا النبويہ في الفتاوي الرضويہ، جلد ١، ٢، ٣ـ لاهور، مباركپور، فيصل آباد
١٤ـ احمد رضا خان بريلوي: حسام الحرمين، ١٣٩٥هـ ١٩٧٥ع، مطبوعہ لاهور
١٥ـ احمد رضا خان بريلوي: الكلمة الملهمہ في الحكمة المحكمه لوها فلسفة المشئمة، ١٣٣٨هـ ـ ١٩١٩ع،دهلي
١٦ـ احمد رضا خان بريلوي: معين مبين بهر دور شمس وسكون زمين، ١٣٣٨هـ ـ ١٩١٩، بريلي
١٧ـ احمد رضا خان بريلوي: نزول آيات فرقان بسكون زمين و آسمان، ١٣٣٨هـ ـ ١٩١٩ع، لكنو
١٨ـ احمد رضا خان بريلوي: البيان شافيا لفونو غرافيا، ١٣٢٦هـ ـ ١٩٠٨ع، كانپور
١٩ـ احمد رضا خان بريلوي: السنية الانيقه في فتاوي افريقہ، ١٣٣٦هـ ـ ١٩١٧ع، بريلي
٢٠ـ احمد رضا خان بريلوي: اعلام الاعلام بان هندستان دارالاسلام، ١٣٠٦هـ ـ ١٨٨٨ع، لاهور

٢١- احمد رضا خان بريلوي: اعزالاكتناه في رد صدقة مانع الزكواة، ١٣٠٩هـ- ١٨٩١ع، بريلي

٢٢- احمد رضا خان بريلوي: احمد رضا خان بريلوي: مقال العرفاء باغزاز شرع وعلماء، ١٣٢٧هـ- ١٩٠٩ع، مطبوعہ كراچي

٢٣- احمد رضا خان بريلوي: الزبدة الزكية لتحريم سجود التحيهم ١٣٣٧هـ- ١٩١٨ع، بريل

٢٤- احمد رضا خان بريلوي: شفاء الواله في صورالحبيب ومزاره ونعاله، ١٣١٥هـ- ١٨٨٩ع، بريلي

٢٥- احمد رضا خان بريلوي: الحجة الفائحہ لطيب التغمين والفاتحہ، ١٣٠٧هـ- ١٨١٩ع، بريلي

٢٦- احمد رضا خان بريلوي: مروج النجا لخروج النساء، ١٣١٢هـ- ١٨١٩ع بريلي

٢٧- احمد رضا خان بريلوي: جلي الصوت لنهي الدعوت امام الموت، ١٣١٠هـ- ١٨٩٢ع، لاهور

٢٨- احمد رضا خان بريلوي: جمل انور في نهي النساء عن زيارة القبور، ١٣٣٩هـ- ١٩٢٠ع، لاهور

٢٩- احمد رضا خان بريلوي: بريق المنار بشموع المزار، ١٣٣١هـ- ١٩١٢ع، لاهور

٣٠- احمد رضا خان بريلوي: احكام شريعت، حصہ ١، آگره

٣١- احمد رضا خان بريلوي: مسائل سماع، لاهور

٣٢- احمد رضا خان بريلوي: مواهب ارواح القدس لكشف حكم العرس، ١٣٢٤هـ- ١٩٠٦ع، لاهور

۳۳- احمد رضا خان بريلوي: هادي لناس في رسوم الاعراس، ۱۳۱۲هـ- ۱۸۹۴ع، لاهور

۳۴- احمد رضا خان بريلوي: انفس الفكر في قربان البقر، ۱۲۹۸هـ- ۱۸۸۰ع، بريلي

۳۵- احمد رضا خان بريلوي: تدبير فلاح ونجات و اصلاح، ۱۳۳۱هـ- ۱۹۱۲ع، لاهور

۳۶- احمد رضا خان بريلوي: دوام العيش في الائمة من القريش، ۱۳۳۹هـ- ۱۹۲۰ع، بريلي

۳۷- احمد رضا خان بريلوي: المحجة الموئتمنه في آية الممتحنة، ۱۳۳۹هـ- ۱۹۲۰ع، بريلي

۳۸- احمد رضا خان بريلوي: قصيده چراغ انس، ۱۳۱۵هـ- ۱۸۹۷ع، بريلي

۳۹- احمد رضا خان بريلوي: فقه شهنشاه، ۱۳۲۶ هـ- ۱۹۰۸ع، بريلي

۴۰- احمد رضا خان بريلوي: حجب العوارعن مخدوم بهار لاهور

۴۱- احمد رضا خان بريلوي: الزمزمة القمرية في الذب عن الخمريه، ۱۳۰۶هـ- ۱۸۸۸ع، لاهور

۴۲- احمد رضا خان بريلوي: اجلي الاعلام مطبوعه استبول، ۱۳۰۶هـ- ۱۹۷۵ع

۴۳- احمد سرهندي: احمد سرهندي، شيخ:مكتوبات، دفترا، حصه ۲، مطبوعه امرتسر، ۱۳۳۳هـ- ۱۹۱۴

۴۴- اختر الحامدي: امام نعت گويان، مطبوعه لاهور، ۱۳۹۷هـ- ۱۹۷۷ع

٤٥ـ اعجازو لي خان، مفتي: المعتقد المنتقد، (ضميمه)، مطبوعه لاهور
٤٦ـ الاهي بخش اعوان، ڈاڪٽر: عرفان رضا، مطبوعه اله آباد، ١٤٠٢هه ـ ١٩٨٢ع
٤٧ـ بدرالدين سرهندي: مجمع الاولياء، مخطوط انڊيا آفس لائبريري، لنڊن، نمبر ٦٤٥
٤٨ـ برهان الحق جبلپوري: اڪرام امام احمد رضا، لاهور، ١٤٠١هه ـ ١٩٨١ع
٤٩ـجهانگير وغيره: تزڪ جهانگيري، لاهور، ١٣٨٠هه ـ ١٩٦٠ع
٥٠ـخدا بخش اظهر: مسلم ليگ، لاهور ١٣٥٩هه ـ ١٩٤٠ع
٥١ـرحمان علي، مولانا: تذڪره علمائي هند، اردو ترجمو مطبوعه ڪراچي، ١٣٨١هه ـ ١٩٦١ع
٥٢ـ سيد محمد محدث: خطبه صدارت جمهوريه اسلاميه، مراد آباد، ١٣٦٦هه ـ ١٩٤٦ع
٥٣ـ شاعر لکنوي: تاريخ نعت گوئي مين حضرت رضا کي منصب، لاهور ١٣٩٧هه ـ ١٩٧٧ع
٥٤ـشجاعت علي قادري: مجدد الامة، عربي، ڪراچي، ١٣٩٩هه ـ ١٩٧٩ع
٥٥ـشرڪت حنفيه: انوار رضا، لاهور ١٣٩٨هه ـ ١٩٧٨ع
٥٦ـشمس بريلوي: اعليٰ حضرت ڪي ڪلام ڪا تحقيقي اور ادبي جائزه، ڪراچي، ١٣٩٦هه ـ ١٩٧٦ع
٥٧ـ ظفرالدين بهاري: المجمل المعدد لتاليفات المجدد، مطبوعه مٿنه، ١٣٢٧هه ـ ١٩٠٩ع
٥٨ـ حيات اعليٰ حضرت، ١٩٣٨ع ـ ١٩٥٠ع ، ڪراچي

٥٩ـ عبدالقادر بدايوني: منتخب التواريخ، جلد ٢، مطبوعہ لاهور ١٣٨٢هـ_١٩٦٢ع
٦٠ـغلام رسول مهر:١٨٥٧ع كي مجاهد،١٣٩١هـ_١٩٧١ع
٦١ـ فضل رسول بدايوني: المستند المعتقد، مطبوعہ لاهور
٦٢ـ محمد اقبال ڊاڪٽر: تشڪيل جديد الالهيات، ترجمو سيد نزير نيازي، لاهور ١٩٥٨ع
٦٣ـ محمد جلال الدين قادري: خطبات آل انديا سني ڪانفرنس، لاهور ١٣٩٩هـ_١٩٧٩ع
٦٤ـ محمد سليمان اشرف بهاري: النور علي ڳڙهہ، ١٣٤٠هـ_١٩٢١ع
٦٥ـ محمد عبدالحڪيم شرف قادري: تذڪره اڪابر اهلسنت، لاهور ١٣٩٦هـ_١٩٧٦ع
٦٦ـ محمد عبدالقدير: هندو مسلم اتحاد پر کلا خط مهاتما گانڌي ڪي نام علي ڳڙهہ ١٩٢٥ع
٦٧ـ محمد صادق قصوري: اڪابر تحريڪ پاڪستان، جلد ٢،١ لاهور ١٣٩٦هـ_١٩٧٦ع
٦٨ـ خلفائي اعليٰ حضرت، جلد ٢،١ قلمي، مرڪزي مجلس رضا، لاهور.
٦٩ـ محمد مسعود احمد ڊاڪٽر: فاضل بريلوي علمائي حجاز ڪي نظر مين، لاهور ١٣٩٨هـ_ ١٩٧٨ع
٧٠ـ تحريڪ آزادي هندو اور السواد الاعظم، لاهور ١٣٩٩هـ_ ١٩٧٩ع
٧١ـ محمد مصطفيٰ رضا خان: الطاري الداري لهفوات عبدالباري، ١٣٣٩هـ _ ١٩٢١ع، مطبوعہ بريلي

۷۲_ ملفوظات اعليٰ حضرت، حصو ۱، ۲، ۳ ، ڪراچي_ علي ڳڙهہ
۷۳_ محمد نعيم الدين مراد آبادي: خزائن العرفان في تفسير القرآن، مراد آباد
۷۴_ محمد وارث جمال: امام شعر وادب، اله آباد، ۱۳۹۸هہ_ ۱۹۷۸ع
۷۵_ محمد يٰسين اختر اعظمي: المديح النبوي عربي، سرائي مير، ۱۳۹۹هہ_ ۱۹۷۹ع
۷۶_ امام احمد رضا ارباب علم ودانش ڪي نظر مين، اله آباد، ۱۳۹۷هہ_ ۱۹۷۷ع
۷۷_ محمود احمد قادري: تذڪره علمائي اهل سنت، ڪانپور، ۱۳٬۹۱هہ_ ۱۹۷۱
۷۸_ منور حسينة ملفوظات امير ملت، لاهور، ۱۳۹۶هہ ۱۹۷۶ع
79_ ANWAR ALI SYED: MYSTICS AND MON_ ARCHS, KARACHI, 1979
80_ ABDUL RASHEED, MIAN: ISLAM IN INDO_PAK
81_ BARBARA D. METCALF: THE REORMIST ULEMA: MUSLIM RELIGIOUS LEADERSHIPIN IN_ DIA, 1860_ 1900, BERKELEY, 1974
82_ GULIUS BASETTU SANI: PROPHERT OF IN_ RERRELIGIOUS RECONCILIATION,CHICAGO, 1974
83_ ISHTIAQUE HUSSAIN QURAISHI: ULEMAIN POLITICS, KARACHI, 1973

## رسالا

٨۴- اردوئي معلي، علي گڑه، جون ١٩١٢- ١٣٣٠ھ

٨۵- پاسبان، اله آباد، جولاء ١٩٧٩- ١٣٩٩ھ

٨۶- تحفۂ حنفيہ، پٹنہ، ذوالحج ١٣٢۵ھ- ١٩٠٨ع

٨٧- محرم ١٣٢۶ھ- ١٩٠٨ع

٨٨- صفر ١٣٢۶ھ- ١٩٠٨ع

٨٩-رمضان مبارڪ ١٣١٨ھ- ١٩٠٠ع

٩٠- الرضا، بريلي، ذوالقعد ١٣٣٨ھ- ١٩٢٠

٩١- السواد الاعظم، مراد آباد، جمادي الاول ١٣٣٩ھ- ١٩٢١ع

٩٢- السواد الاعظم، مراد آباد، شعبان ١٣٣٩ھ- ١٩٢١

٩٣- عقيدت، نئين دهلي، جوالاءِ، آگسٽ ١٩۶۴ع- ١٣٨۴ھ

٩۴- صوت الشرق، قاهره، فبروري ١٩٧۵- ١٣٩۵

٩۵- الميزان، بمبئي، امام احمد رضا نمبر، مارچ ١٩٧۶ع
١٣٩۴ھ

من ترك الصلوٰة متعمدًا فقد كفر

سلسله نمبر 9

# غريبن جو غمخوار

پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد

ايم اي، پي ايڇ ڊي

سنڌيڪار

حافظ سخي محمد مهراڻ

شرڪت اسلاميه

مُسلم منزل، حميد پوره ڪالوني نمبر ١، ميرپورخاص (سنڌ)

اسلامي جمهوريه پاڪستان (1422هه/2001ع)

سلسلہ نمبر 10

# چانڊ سچانڊ

مرتب: ابن مسعود ملّت ابو السّرور محمّد مسرور احمد

سنڌيڪار

حافظ سخي محمد مهراڻ

شرکت اسلاميہ

مُسلم منزل، حميد پوره ڪالوني نمبر 1، ميرپورخاص (سنڌ)

اسلامي جمهوريہ پاڪستان (1422ھ/2001ع)


Shaykh Ahmed Sirhindi
MUJADDID ALF-I-THANI
Prof.Dr.Muhammad Mas'ud Ahmed
M.A.Ph.D.
Translated by:
Qazi Abdul Mannan
IDARA-I-MAS'UD
Karachi (Sind)
Islamic Republic of Pakistan
محدث بریلوی
IDARA-I-MAS'UDIA,KARACHI
SINCE
1992
Islamic Republic of Pakistan
حضرت مسعود ملت کے آثار علمیہ
رحمۃ للعالمین
IDARA-I-MAS'UDIA KARACHI
Islamic Republic Of Pakistan
Design & Processed by: AL-HADI GRAPHICS Phone 2627022 Cell 0300-2728316